# مهراڻ

2/1978



# مهراڻ


سنڌي ادبي بورڊ جو سه ماهي علمي ۽ ادبي رسالو

جلد 27] [نمبر 2

اپريل، مئي ۽ جون

**1978ع**


•


ايڊيٽر: امداد حسيني

مئنيجنگ ايڊيٽر: ظفر حسن

اسسٽنٽ ايڊيٽر: ناشاد





**سنڌي ادبي بورڊ**

سنڌ يونيورسٽي نيو ڪئمپس، ڄامشورو سنڌ.

پوسٽ باڪس نمبر 12، حيدرآباد سنڌ.

# مهراڻ

## سنڌي ادبي بورڊ

سنڌ يونيورسٽي نيو ڪئمپس، ڄامشورو سنڌ.

فون نمبر 23888/6

مواد موڪلڻ جي ائڊريس

**ايڊيٽر ٽماهي "مهراڻ"**

**سنڌي ادبي بورڊ**

سنڌ يونيورسٽي نيوڪئمپس ڄامشورو سنڌ.

خريداريءَ لاءِ ائڊريس

مئنيجر

سنڌي ادبي بورڊ جو بوڪ اسٽال

پوسٽ باڪس نمبر 12، حيدرآباد سنڌ.

**في پرچو 00-6 رپيا**     **ساليانو چندو 00-20 رپيا**

---

Printed and Published by Ghulam Rabbani A. Agro, at the Sindhi Adabi Board's
Printing Press, Tilak Incline Hyderabad, Sind.

7. ڪنڌر — مدد علي سنڌي 94
8. پاڇا — سانول 108
9. پنرجنم — سحر امداد 114


## تاثر


1. پنڌ تني پٺي — پٺر سنڌي 121
2. امڙ ايلسا قاضي — الجم افشان هاليپوٽو 123


## خاڪو


1. شنگھور شيدي — شمس الدين عرساڻي 126


[ 3 ]

## ترجمي جو ڀاڱو


1. پنجابي شاعري ● بابا فريد رحه — امداد حسيني 134
2. بلوچي شاعري ● رحم علي مري — نبي بخش ڪوسو 134
3. پشتو شاعري ● ارباب هدايت الله خان — نبي بخش ڪوسو 134
4. ڪرامت (مصري ڪهاڻي) — توفيق الحڪيم 135
5. ڪوڙو ڏيک (ڏکڻ آفريڪا جي ڪهاڻي) ● ايلن پيٽن — خيرمحمد لاڙڪ 141
6. للہ ۽ گرالاز (بلوچي ڪهاڻي) — نبي بخش ڪوسو 146
7. هن چڻ جا ڇپيل سدا ساوا هن ● امرتا پريتم — ولي رام ولڀ 149


[ 4 ]

## مضمون


1. شعر جي اڀياس جا نوان طريقا (قسط 5) — الهداد بوهيو 177
2. رني ڪوٽ — غلام رباني 194
3. المنصوره برهمڻ آباد —1 — مير حاجي محمد بخش خان ٽالپور 198
4. ادب جون ٻه اهم تحريڪون: ڪلاسيڪيت ۽ رومانيت — ممتاز مهر 209
5. اولڙا اولڙا زندگي اولڙا (پورٽريٽ) — بيدل مسرور 212


[ 5 ]


1. پڙهندڙن وٽان 233


[ٽائيٽل: خدابخش ابڙو]


19-1-77

1/78 جي پرچي جي جتي پڙهندڙن پاران زبردست آجيان ٿي آهي، اتي ڪن حلقن ۾ ان تي تنقيد پڻ ٿي آهي؛ پر اها گهڻي ڀاڱي زباني ٿي آهي ۽ زباني تنقيد جي ادب ۾ اهميت ڪڏهن به ناهي رهي. تنقيد ٿيڻ کپي. ايليٽ چوائي: "تنقيد ساهه کڻڻ جيان اٽل آهي"— پر جيڪڏهن توهان جانبدار ۽ jealous آهيو، ته پوءِ تنقيد توهان جي ڏاڻ ۽ وٽان ناهي. سڙهڻ، ٿاڦڻ، وڦلڻ ۽ ويندي گارگند تائين لهي اچڻ جا هٿيار ڪڏهوڪو مُڏا ٿي چڪا آهن. تنقيد جو بنيادي ڪارج ادب کي متحرڪ رکڻ آهي؛ پر اسان وٽ تنقيد جي نالي ۾ جيڪي ڪجهه لکيو-آکيو پيو وڃي، اهو ادب جي مفاد ۾ گهٽ، پنهنجي مفاد ۾ ڪجهه سرس ئي آهي. هٺ ٺوڪين ٺهيل ٺڪيل نظرين، مدي خارج ۽ اڌوهيءَ ڪاڏل ويچارن جي آڌار تي ادب جي پرک چهري تي هڪ وڏيڪ نقاب آهي— ۽ ڪمري ۾ هڪ لاش آهي، جو پئي پئي سڙي رهيو آهي— سنئو آهي ته cannibals ٿيڻ بدران، ان لاش کي هميشه لاءِ دفنايو وڃي.

## ● مولوي "مائل" ۽ "عارف المولىٰ"

1978 جي شروعات ۾ مولوي محمد صديق "مائل" ۽ "عارف المولىٰ" اسان کان وڇڙي ويا آهن. مولوي صاحب فارسي، عربي ۽ ڪتابت جي فن جي ڄاڻ رکندڙ هو ۽ پنهنجي ڏانءُ جو اڪيلو ماڻهو هو— ۽ سائين "عارف المولىٰ" سنڌ جي انهن شاعرن مان هو، جيڪي سُر سنگيت کان به واقف آهن. "عارف المولىٰ" ڪافي، بيت، وائي ۽ گيت جي صنفن تي ڪاميابيءَ سان لکيو ۽ سنڌي شاعريءَ کي وڏي اوج ڏني. مولوي "مائل" ۽ "عارف المولىٰ" جي وفات تي ادارو ڏک جو اظهار ڪري ٿو.

— امداد حسيني

# شيخ عبدالمجيد سنڌيءَ

## جي لاڙڪاڻي ۾ ڪيل تقرير تان ڪنيل

— دنيا ۾ هميشه ٻن قسمن جا ماڻهو رهيا آهن. هڪڙو قسم انهن ماڻهن جو، جن هميشه ائين سمجهيو ته اسان ڪمزور آهيون، بيوس آهيون، اسان کي هر وڏي ۽ ننڍي کان ڊڄڻ گهرجي — زميندار جاگيردار کان ڊڄڻ، پير سيد کان ڊڄڻ — اهي ماڻهو سدائين ڊڄندا رهيا ۽ سموري زندگي ڊڄندا رهيا ۽ ڊڄندي ڊڄندي قبرن ۾ دفن ٿي ويا. انهن پاڻ کي سمجهيو ته اسين ڪجهه به نه آهيون ۽ انهن مان ڏيو ڪجهه به نه، پر ٻيو قسم ماڻهن جو سمجهڻ لڳو ته اسان ڪمزور نه آهيون، اسان آزاد آهيون، اسان ڊڄڻ وارا نه آهيون، اسان بهادر آهيون — اسان سڀڪجهه ڪري سگهون ٿا ۽ هنن سچ پچ ڪري به ڏيکاريو. انهن سمجهيو اسان کي ڪوبه ماري نٿو سگهي، اسان هميشه زنده آهيون ۽ انهي حالت ۾ هو به قبرن ۾ داخل ٿي ويا، پر دنيا انهن کي مئل نه سڏيو ۽ اڄ به دنيا انهن کي زنده قومن جي قطار ۾ شمار ڪري ٿي.

(روزانه ”الوحيد“، 7 فيبروري **1937**ع)

# مخدوم محمد زمان طالب المولیٰ

## صدف ــ سمنڊ

### (ڪافيون)

مون ۾ آهين تون، تون ئي تون،
تو ۾ آئون آهيان.

وار ٻه ويچو ناهه ڪو، وچ ۾ ”تون“ ۽ ”مون“،
تو ۾ آئون آهيان.

اهي حقيقت هيڪڙي، ڏيهه ٻلي ڇٿي ڏون،
تو ۾ آئون آهيان.

هردم هڪ ئي آهيون، سوجهي سمجهيوسون،
تو ۾ آئون آهيان.

دوئي آهي ڪانه ڪا، هونگ رهي هڪ هون،
تو ۾ آئون آهيان.

آئون ٻه يڪتا آهيان، تون ٻه آهين ٻيچون،
تو ۾ آئون آهيان.

پاڻ ئي پنهنجي راز ڪي، صحيح ٿا سمجهون،
تو ۾ آئون آهيان.

شاهد پنهنجي پيار جا، آپ، عرش ۽ ٻون،
تو ۾ آئون آهيان.

’طالب مولا‘ جا ٿيا، گفتا گوناگون،
تو ۾ آئون آهيان.




”پيلو“ - ٽڪڙو اسڪيچ [ڪتريءَ جي اسڪيچ بُڪ مان]



دنيا جو وڏي ۾ وڏو قلعو: "رني ڪوٽ"
(ڏسو ص 194)

# سليم ڳاڙهوي

## دل

بخت دل ۽ ڀاڳ دل، مهر وارو ماڳ دل،
دل نہ ڪو ويران جهنگ، دل جو سهڻو ساٿ سنگ،
پيار جو دل ۾ پساءُ، آءُ منهنجي دل ۾ آءُ!

دل عقيدت جو مڪان، دل صداقت جو جهان،
دل ديانت جو شجر، دل سخاوت جو ثمر،
دل جواهر جو جڙاءُ، آءُ منهنجي دل ۾ آءُ!

دل جي روحن سان رهاڻ، دل ڪرم ۽ قرب ڪاڻ،
دل دعا جو ساز آهہ، دل دوا جو راز آهہ،
دل سخا، سچ ۽ سياءُ، آءُ منهنجي دل ۾ آءُ!

دل تہ ڪوئي سنگ ناهہ، دل دغا جو دنگ ناهہ،
دل حيا جو در، نگر، دل وفا جو گهاٽ گهر،
دل بشر جو پيڙ پاءُ، آءُ منهنجي دل ۾ آءُ!

دل سچائيءَ جي قريب، دل صفائيءَ جي قريب،
دل ڪسائيءَ کان پري، دل ڪچائيءَ کان پري،
دل سٺائيءَ جو سٿاءُ، آءُ منهنجي دل ۾ آءُ!

دل ذڪا ۽ دل خبر، دل صدا ۽ دل اثر،
دل ڪلي ۽ دل چمن، دل ضيا جي انجمن،
دل ڪثافت کي ڪٽاءُ، آءُ منهنجي دل ۾ آءُ!

دل شريعت جي دري، دل طريقت جي دري،
معرفت جي دل امين، دل حقيقت جي زمين،
دل سعادت جو سماءُ، آءُ منهنجي دل ۾ آءُ!

چنڊ دل، چالڊاڻ دل، باغ دل، سرهاڻ دل،
باغ ۾ پيهي تہ ڏس! واس وٺ، ويهي تہ ڏس!
سرس سچ، ناهي وڏائُ، آءُ منهنجي دل ۾ آءُ!

سونهن جي سوغات دل، مهر جو محلات دل،
ڪير ٿو دل کي ڪٽي، جا مٽن ڪان ٿي مٽي،
سا نہ چٽجي سير پاءُ، آءُ منهنجي دل ۾ آءُ!

موج دل، مهراڻ دل، ماڻڪن جو ماڻ دل،
فيض جو ڦهلاءُ دل، پيار جو ڦڙلاءُ دل،
دل ئي مانجهي، دل ئي ناءُ، آءُ منهنجي دل ۾ آءُ!

دل خدائي وات آ، دل خدا جي لاٽ آ،
دل خدا جو آهہ در، دل خدا جو آهہ گهر،
بي مثالي ٻن ٻناءُ، آءُ منهنجي دل ۾ آءُ!

تاب دل، تنوير دل، نقش دل، تصوير دل،
رنگ دل ۽ ڍنگ دل، چاهہ دل، ۽ چنگ دل،
دل عمل ۽ دل اپاءُ، آءُ منهنجي دل ۾ آءُ!

سُونهن دل، سينگار دل، پُور دل ۽ پيار دل،
دل جو بيحد آ بيان، دل جو اڻ ڪٿ داستان،
دل سمندر جو سماءُ، آءُ منهنجي دل ۾ آءُ!

تاج دل ۽ تخت دل، سنگ ناهي سخت دل،
موهہ دل ۽ ماهہ دل، روح دل ۽ راهہ دل،
ڪر نہ ڪوئي ڊپ ۽ ڊاءُ، آءُ منهنجي دل ۾ آءُ!

ساز دل، آواز دل، مرغ دل، پرواز دل،
برگ دل ۽ بار دل، باغ دل گلزار دل،
سير جو سُڻ ست ستاءُ، آءُ منهنجي دل ۾ آءُ!

حسن يوسف جو ڏسي، دل زليخا ٿي پئي،
هوت دل، سسئي بہ دل، مارئي، سهڻي بہ دل،
دل ٿي بازي، دل ٿي داءُ، آءُ منهنجي دل ۾ آءُ!

ٻوند، بادل، باد دل، آب سان آباد دل،
اوج آڻڻ واسطي، موج ماڻڻ واسطي،
رک رياضت سان لڳاءُ، آءُ منهنجي دل ۾ آءُ!

دل جي حد ناهي حساب، دل سراسر لاجواب،
دل وڏي ۽ دل وسيع، دل شفا ۽ دل شفيع،
دل ڀڪي ۽ دل خلاءُ، آءُ منهنجي دل ۾ آءُ!

دوستيءَ جي واسطي، دلبريءَ جي واسطي،
سيهر جي محفل ۾ اچ، دل ۾ اچ ها دل ۾ اچ!
هي جڳهه سهڻو ٺڪاڻُ، آءُ منهنجي دل ۾ آءُ!

دل ۾ دلبر اچ قريب، تون حبيب ۽ تون طبيب،
درد تون ۽ تون دوا، تنهنجي هٿ منهنجي شفا،
دل جو ڪَهرو آهه گهاءُ، آءُ منهنجي دل ۾ آءُ!

زندگاني هڪ سفر، زندگاني درگذر،
هي زمانو بي بقا، بي بقا ۽ بي وفا،
دل جي دنيا ڪي جٽاءُ، آءُ منهنجي دل ۾ آءُ!

پرت ڪان پاسو نه ڪر، ويرم واسو نه ڪر،
قرب جي ڪر ڪار تون، رحم سک، سيڪار تون،
دل ڀلائن جو ڀراءُ، آءُ منهنجي دل ۾ آءُ!

نينهن ڪي نروار ڪر، پيار جو پرچار ڪر،
مهر سان ڇڏ من پري، ڪوڙ ڪچ ڪان ڀڄ پري،
ڪنهن ڏنو ڪنهن کي ڇتاءُ، آءُ منهنجي دل ۾ آءُ!

اچ پڙهڻ سڪ جو سبق، ياد ڪر سچ جو ورق،
قرب جو پڙهه تون ڪتاب، زندگي فاني جناب!
ڪر نه ڪوئي ڪُس ڪساءُ، آءُ منهنجي دل ۾ آءُ!

آس وَڏي، ڏرتي تَتي، چڻ ته ڪا دانگي تتي،
جام جهولا، عام لُڪ، سرس سُور ۽ سرس ڏک،
آدمن ٻاريو آلاءُ، آءُ منهنجي دل ۾ آءُ!

هرطرف ڇانيو هراس، امن گم، انسان اداس،
زندگي بيتاب آ، ساڙ جو سيلاب آ،
بندُ هڪ ۽ هڪ بچاءُ، آءُ منهنجي دل ۾ آءُ!

هي نصيحت ڪنهن ڪئي، هي هدايت ڪنهن ڪئي،
ناهه پنهنجي ناهه چال، پال دل ۾ رحم پال،
خار ڪا هرگز نه ڪاءُ، آءُ منهنجي دل ۾ آءُ!

عمر پل گذري وڃي، پر نہ سچ وسري وڃي،
ڪار انساني ڪجي، ڇو نہ قرباني ڪجي،
شوق، شوڪت جو ڇُهاءُ، آءُ منهنجي دل ۾ آءُ!

زندگي، زنده ضمير، مهر سان من ڪر منير،
نور جي انعام لاءِ، پرهہ جي پيغام لاءِ،
سِڪ سهائيءَ جو سُتاءُ، آءُ منهنجي دل ۾ آءُ!

ذوق تي ويندو 'سليم'، نينهن تي ويندو نديم،
آب سان گڏ گيل ڪجي، ديہ سان گڏ دل ڪجي،
ڇا ڪندي واري ۽ واءُ، آءُ منهنجي دل ۾ آءُ!

# غلام

## ڪافي

هلنڊو اٿئي هُن پار
پيڙياتان ڪر ڪا ترت تياري.
اوکي منزل پند اڻانئو
اڃا لڳئي پيو واءُ سٽانئو
وِيٺو ونجهہ منهيار،
هوش رکي ڪر تون هوشياري!

لهرون لُڏُ ڪُنَن جا ڪَڙڪا
دريا ڏئي تو دل کي دڙڪا
ڪِينَ هِنيُون تون هار،
ڇوڙ تون مڪڙي ڪر لهواري!

سيرَ ۾ ڪَشتي ڏُور ڪنارو
آهي 'غلام' کي تنهنجو سهارو
تار منجهان اڇي تار،
سهڻل سائين ڪر ٻونواري!

# سوز هالائي

## ڪافي

رات ستي سانگين جا ولر ۽ وارا ساريم،
پنوهارن جا پڪڙا، پٽ ۽ پاڙا ساريم.
سال وندا ماروئڙا، ڦيرا ڏيو ڦر چارن،
ڏينهن تتي ڏوٿيڙا، انگن آگهاڙا ساريم.
ويس وسڻ جا اوڍي، آڳم آئيا آپ تي،
رڃ ۾ ريهون ڪندا، تڙ تڙ تاڙا ساريم.
مينهن موجون لائيون، ٿر ٻر ٿيون ٿڌڪارون،
ڀُونءِ ڀنل جي ڀر تي، مينهن وساڙا ساريم.
لال ليار لامن تان، چونڊيم چوٽ چڙهي،
پيرون پڪا، ڏٿ ڏونرا، ڪُڳر ڳولاڙا ساريم.
منهنجي ليءِ سارن ها، پاند پُسائي ڇڏئا،
سرتين جا سائيهه ۾، روج ۽ راڙا ساريم.
’سوز‘ ۾ تن جي ڪاڻ سڙان، رت رويو روز رڙان،
سرتين سان سک جون راتيون، ڏک جا ڏيهاڙا ساريم.

## وائي

آس اندر ۾ آڪنڊ آلا، سيلي مارن سان، ڪيلي ڪير ڀيڻان!
آيري، الٽا ڪيترا، چندن پويان چنڊ آلا.
آٿي آڏيءَ ويل جو، جيڏيون جوتن جنڊ آلا.
ساريان ويني سومرا، ويڙهيچن جا ونڊ آلا.
آخر لهندا اوچتا، مونجهارا ۽ مَنڊ آلا.
ثابت جيڪي سيل تي، تن تي ڏوهه نہ ڏنڊ آلا.

# سداحيات جلباڻي

## جندڙي

جندڙي تات پرينءَ جي،
جندڙي لات پرينءَ جي،
جندڙي بات پرينءَ جي،
جندڙي ذات پرينءَ جي،
ءَ
جندڙي رات پرينءَ جي.

جندڙي
سُرهو سور پرينءَ جو،
پيارو ڀور پرينءَ جو،
جندڙي نور پرينءَ جو.

جندڙي کهُورَ پرينءَ جي،
جندڙي ليڙ پرينءَ جا،
ويڙ پرين جا.

جندڙي رُت آ ساوڻ جي،
جندڙي خبر پرينءَ جي آوڻ جي.
جندڙي ڳجهڙي بات پرينءَ سان،
جندڙي ڀرين رات پرينءَ سان.

جندڙي، موکيءَ ٻني،
جڻ ڪا مٽ جي مٽي.
جندڙي وِهنُ پريل وَٽي،
ٽُو ڪٽي، ٽُو ڪٽي.
جندڙي آجرو آجرو هنج،
جندڙي ڪارو ڪارو ڪانءُ؛
جندڙي پريل ٽريل ڪو گهڙو،
جندڙي ٽلهو ٽلهو ٽانءُ.

جندڙي سرءُ، سالوڻ چيٽ؛
رکو رڻ ٻٽ؛
سرنهن جو کيٽ.

جندڙي پريت،
ڪُريت؛
جندڙي پيار،
ڏ ڪار.

جندڙي ڏاڍي ڏهڪاءُ؛
ڪيس، کهڪاءُ.

جندڙي ڪو اولداهو دور،
جندڙي جيئن سج ڪيڏي ڪَني؛
جيئن ور سان هجي ڪا وَني.

جندڙي چاندوڪي رات،
جندڙي اولداهو ڏينهن؛
جندڙي پريت پراڻي،
نئون نئون لينهن.

جندڙي ڏُکر، سُکر،
انڌ- داڻو؛
جندڙي ٻيجل جو چنگ،
سُر مومل راڻو؛
جندڙي ننڊي نيٽيءَ جو انگل،
منڙيءَ جو ماڻو؛
ءَ
چيچڙو، کهوٽن ليءَ کهاڻو.

جندڙي ويھ ويھ ويس وڳا،
جندڙي ڄڻ ڪا انگ اگهاڙي؛
جندڙي پاءُ جو پاڪر،
جندڙي آيي ڪهاڙي.

جندڙي پنھنجي جو پيار،
ڏارئي جو ڏڪ؛
ڦٽ تي سرھ،
ڇيتي ڪتي جو چڪ.

جندڙي سهٽي،
ساهڙ سيرَ،
ايڏي نفرت جوڳي،
جيڏا نوڳي پيرَ.

جندڙي ميندي ۽ رتو هٿ،
ٻيہر جو چوڏو؛
واريءَ جو پنڌ،
هندوري جو لوڏو؛
دلبر جي دوري،
۽ پريءَ سان ڳڻ ڳوڏو.

جندڙي پيٽ ڏٽيءَ جو بيت،
دوھو ۽ درديلو گيت؛
جندڙي سنهنجو منڙو ميت.

جندڙي ظالم جو زور،
مظلوم جي ڪيڪَ؛
صراط مستقيم،
ڏنگي ليڪ.

# رسول ميمڻ

## پنهنجي رت جو رڱ-1

آکيرا-

گهرڙي* جي جنم ڪان پوءِ
هو تپندڙ صحرائن
۽ اچي برف جي ڪفن ۾ ويڙهيل
وادين جي حالتن موافق
ورهائبو ويو
پيغمبرن جي ڳوڙهن جيان
ڌرتيءَ تي
پر منهنجي قوم ڪي
وجود جي برقرار رکڻ جي جدوجهد ۽
آڪاش ۾ پرواز ڪرڻ جي خواهش ڪري
نڪري آيا سونهري پر
هو ڪندا آهن پرواز
پنهنجي دلين جهڙي شفاف
لڳندڙ هير ۾
لڏندڙ ڪيتن مان
پنهنجي چنهنبن ۾ ڪڻي
سونا روپا داڻا
موٽندا آهن شام جو
صدين ڪان
ڌرتيءَ جي دامن ۾ نهيل
ڪکائن آکيرن ڏانهن

* Cell

## چنڊ

●

اُڀ جي اداس وستين مان
ساڳيو روڄ چنڊ تڪي
هن جي ڦٽيل هيڊاڻ ڏسي
مولڪي پئي ٿي مونجهه ٿئي
آخر ڪيسين؟
چنڊ ٻراٽو
ماضيءَ جي ائين ڏوڙ ڪٺي
ڌرتيءَ جي فضا ۾ ملي
منهنجو ساهه گهٽيندو رهندو
ايري اڀ ۾ روز ائين
آخر ڪيسين ايندو رهندو؟

۽ منهنجو من
ڪاهي ٻجري
سوچي لوچي:
هڪ ڏينهن آپ ڏي لانگ ورائي
پرزا پاڻ ڪري
پهاڙ ساڻ مٿو ٽڪرائي
چنڊ تي ٻهچي ڇهڪ ڏجن
تارن جيترا تير هٽي
پنهنجي رت جو رڱ ڏجي
۽ هي هيڊو چنڊ
لال گلال ڪجي!

## گولا

او ٻرين
جڏهن ڪان تون وڇڙيو آهين
منهنجي رڙ
ڦٽي نڪتي آهي
ايرندڙ سج جي
پهرين ڪرڻن جان
تنهنجي گولا ۾
مون ڪڙڪايا آهن
سوين دروازا
۽ کوليا آهن
هزارين گهاٽ ۽ گهٽيون
راهه ۾ ستل انسانن کي جاڳائي
پچيو آهي تنهنجو
رستي ۾ آيل
قبرن کي کوٽي
گولي جيئرا ڪيا آهن مڙهه
غريبن جا
مظلومن ۽ پيڙيل انسانن جا
جيئرو ڪري
سڀ ڪان پچيو آهي تنهنجو
۽ تنهنجي ئي پچڻ لئي
مون جهنجهوڙيا آهن ڪلها
مزدورن جا
هارين جا
۽ آءٌ توکي
ائين گوليندو هليو ويندس
دنيا جي هيءَ ڪنڊ تائين!

## رسول بخش قريشي

### محبت

ڄاڻي ٻجهي، سُڃي سمجهي
ڏسي وائسي
چين ڪي نہ ڇورڻ
ڪونڪو ٻڌجي وڃڻ
ڪهرجن ۽ خواهشن
جذبن ۽ احساسن
خيالن ۽ اصولن کان منهن موڙڻ
بي حس ٿي وڃڻ
اهو آهي دليا جو
سڀ کان وڏو
سڀ کان سهڻو
سڀ کان پيارو، نيارو: فريب
يعني: محبت!

### ٽيڙو

اعتبار ڪچ،
تاريخ جو ورجاءُ-
ڪڏهن پاتو ڪنچ.

[redacted]
روح جي رڙ
اندر جا اڌما
اکرن کان اکرجي نٿا سگهن
ڪا ڪوتا
تنهنجي جدائيءَ جو ڏنگ ڏهڪاري نٿي سگهي
هي وڇوڙو، پيڙا جون پڙڇيون
ڪلپنائن جو ڪوس، آشائن جو انت،
دنيا جون ٻوليون، آهن اڌوريون
لفظ ٽٽل
قلم پگهل

## فيض پيرزادو

●

جهوني ٻڙ هيٺان
جهور جهريل هڪ پوڙهو
ڇهري جا ڪهنج ڳچي وينو
ٻڪ ڏڪ ۽ ڏاڍ ڏمر جو ڏتڙيل
ماڻهن کان ڏور۔ اڪيلي سر
وڻ سان وينو سور سلي

## اياز عالم

### سنيها ۽ سوکڙيون

تون ۽ مان
هڪ ٻئي کان ڏور
ڏورانهين ساموندي
ڪنارن جيان
پر سمونڊ جون ڇوليون
هڪ ٻئي پنيان
جڻ سنيها رسائي رهيون آهن
۽ ڇڏي مونن ٿيون
سنيهن سان
ڪي سوکڙيون
ڪوڏ ۽ سپيون

### يادون

اڻن ڇڙوڇڙ
جڻ ته مالها جا مڻيا
ڇڇي وکري ويل!

## حيات جنوئي

●

هي چڙيون ڪجين جون يا تاوارون
هي سَرَ هوا ۾
ڪنهن جي ٻُڌيءَ آڳهاڙيءَ تي ٻـ ـ هتڙيون لنيون
ڪنوڻ ڪنوي ٿي
يا ڪو ڇهڪ ٿو ڇمڪي
ٻُڌو تہ آپ ۾ ڇا ڇا ڪوڪٽ
تارو تارو لڙڪ جيان ٿو ٽمڪي.

## عبدالعزيز رنگريز

●

ويل وڇوڻ جي، لهندڙ سج،
رستي تي
ڏيلي ٻيو هنجن جو جوڙو
اڇا جهڙا ڪير
ٻريان هڪڙي تيز ترڪ
اِن جوڙي تان ڇڙهي وئي
ڇٽي وئي
۽ ٻنيان ڇڏي وئي
رت جا ليڪا
ٻَرَ هوا ۾ هيڏي هوڏي آڏامندا!

## جوهر بروهي

### فنڪار

آڀرندڙ سج ساڻ
الزامن سندي
ڦاهي مٿي
چاڙهيو وڃي!

### شاعر

جنهن جي
قلم جي نوڪ مان
آڀرن ٿا ڪـيرڻا نُورَ جا
ٻاٽ ڏرتيءَ جي مٿان
جو سير ماٺي عرش جو
ٻـرن؛
صبح جو
هُنَ جو وجود
دار جي زينت هجي!

بشير سيتائي

# سارا ڪاڳر ڪارا ٽيل

## انعام جي موت تي*

چڱو ٿيو،
پُٽڙا ــــــ!!!
مري وئين.
ڳوڙها ڳاڙي جيي پوندس.
وقت اهو ٻي زخم ڀري ڇڏيندو.
تولاءِ،
هي ضروري نه هيو،
ته تون ٻي مون وانگي؛
هن دنيا ۾ ــ
ڏنجهه ڏکن جو ٽيڪو ڪٽين.

## ماءُ

جيوَن جهڙي مايا ڏيئي،
ڪنچن جهڙي ڪايا ڏيئي؛
ڪنهن کي ماءُ ٻيٽيندي ناهي،
ها! ها! ماءُ ٻيٽيندي آهي.
جڏهين ڪوئي الڏو ٿئي ٿو؛
هُن جي ڪک ۾ ڪان هٽي ٿو!

## دوها

جڏهن به ڪوئي وَرلاهي ٿو، پٽ ڌٽيءَ جي واٿي،
تڏهن وڏي ٿو ويهي مون کي، ڇڻ ڪو جاٿي پاٿي.

جڏهن به ڪوئي آلغوزي تي، ڇيڙي ٿو هڪ لهرو،
آس پکيڙو ڀڇرو ٿوڙي، آڏري ڀوي آٻهرو.

جڏهن به ڪوئي راڳي آلاهي ٿو روڳي راڳ،
ان دم ڇڻ ته ٻرَي ٿو منهنجي، انگ انگ ۾ آڳ.

* بشير سيتائيءَ جو ٻهريون پٽ

# غزل

ڇهرو ڇهرو ٻاب ڪٽليل، ڇا ڇا پڙهندين ڙي پاڳل!
جيون موڙ تي ڄاچين ٿو، هي سڀ دليون دونهاٽيل!
بادل وانگر ڀٽڪين ڪوهه؟ ڏاهو ٿي، گهر موٽي هل!
ٻاڪاري هِن ٻار سُتا، زال ڳُوماٽيل، ڪٽ ڇڳل.
اڄ ٻه ڪلهوڪا ڪوڙ ڪتاب، سارا بستر تي ٻکڙيل.
جاڳي آهي ننڊ منجهان، ذهن جي سيج تي سوچ ستل.
ٻئون، ٻنا ۽ مسڪڙي، سارا ڪاڳر ڪارا ٿيل.
شاعر ويڃو جاڳين ٿو، سارو هي سنسار سُتل!

# نظم

اڄ گهمڻ جي لاءِ هلبو ڪينَ دوست!
رهڻ ڏي مون کي، ڇڏي ڏي، ضد نه ڪر؛
ٻند ڪمري ۾ آ يادن جو هُجوم؛
اڄ اڪيلائي اچي ٿي راس، يَرَ؛
مون کي منهنجي ذات جو آ احتياج،
دوستيءَ جو گهُر نه مون کان اڄ وِياج!
ٽهڪڙا، محفل، ڪهاڻيون، رس ر هاڻ،
مان ٻه جيوَن ۾ ٻريان جيڪر مٺاڻ؛
پر اندر جي پيڙ کي مان ڇا ڪريان،
ڇا ڪريان دل کي، جا هڪ دردن جي کاڻ؛
منهنجا ساٿي! اڄ مون کي غم کان نه روڪ،
مان رُڌل آهيان، مون کي ڪم کان نه روڪ.
داخلي دنيا ٻه منهنجي آ وسيع،
محو آهيان اڄُ پنهنجي ذات ۾؛
اڄ سنهاڙي سُور، لکندس گيت ڪجهه،
باهه ٻَلتائي ڇڏيندس ذات ۾؛
اڄ وري ڇيڙي شڪسته ساز کي،
ٿو ڪڍڻ چاهيان گهُٽيل آواز کي.

## شرجيل

### منيءَ جو اثر

تون مون کي ڇا سمجهي
ايڏي هوڏ
ايڏي ناز سان
منهنجي پرسان گذري ويندي آهين
ٻُڌُ
مان، سخت موسمن جي تخليق
۽ اولاد آهيان
جُون، جولاءِ جون آسون ۽ جهولا
ڊسمبر ۽ جنوريءَ جون برفاني هوائون ۽ برساتيون
منهنجون سائرون آهن
مان انهن جي ڪُکين مان
ڇَپ ڇپات سان
جنم وٺندڙ انسان آهيان
تون، فريبي پيار جو چار
مون لاءِ نه وڇاءِ
تنگ دليءَ جو درياهه
مون لاءِ نه وهاءِ
لنگهي، ويندي ڪر
خاموشيءَ سان
اڻ واقفن وانگر
اهو، ٽيڏي اک سان
مڪارپڻي وارو
ڏسڻ جو انداز ڇڏي ڏي
مان تمام سخت حالتن جو
ڳوهيل انسان آهيان
تون، رڃي ويندينءَ
مان، قائم هوندس
تون، جهَمي ويندينءَ
مان، اڏامندو وتندس!

### عشق

ڏئي وڄ، ڏئي وڄ
ڪو ڏهاڳ
مان، سهاڳ
ماڻڻ ٿو گهران!

### آرسي

تو وٽ ڪيترا ماڻهو ايندا آهن
هرڪو، پنهنجا پنهنجا سُر آلاپي
آئي ڪڙو ٽيندو آهي
تون ماٺ ماٺ ۾
سڀ سُر ٻڌي
داد ڏيندو آهين
پوءِ جڏهن اڪيلو رهجي ويندو آهين
پنهنجو پاڻ سان پڙڪندو آهين
اهو جو پاڳل پڻو ٿئي ٿو
اهو جو سور اندر جو وَڌ وجهي ٿو
اهو جو ماتم تون ڪندو آهين
ڪنهن ٻئي کي ڇو نه ٻڌائين ٿو
حصي وار ڪنهن کي
ڇو نه بنائين ٿو
ڇو پنهنجو اندر جلائين ٿو؟

## آدمو

ڪمري جون چار ڀِتيون
بي جان، بي سِتيون، خاموش
رات جا ٻَہ
زيرو جو بلب ٻريل
هر شيءِ، نيري روشنيءَ ۾ ٻڏل
وِرُ جو دٻو
ٽائي فون
ڊِ ٽول
سرف جو پاڪيٽ
ٿرمس
مگس
شيشي جا گلاس
ميڪسويل هائوس
ريڊڪائو ملڪ
ماڪي
ٽُونگس بريڪ فاسٽ ٽِي
ڪنڊ
رنگ برنگي شرٽون
۽ ٽنگيل ڪوٽ
شيلف ۾ پيل ڪتاب
۽ ڪاسميٽڪس
ڀتين تي ٽنگيل تصويرون
در ۽ درين تي لڙڪيل پڙدا
سڀ خاموش
پٿرن وانگر
نيري روشنيءَ ۾
ڄڻ سون ڏانهن گهورين پيا
ڪا ساهه واري شيءِ ڪانهي
وجود ڪونهي
جو رڙهي
مون تائين پهچي
۽ اچي
منهنجي ڳلن تائين
وهندڙ ڳوڙهن جي سيلاب کي روڪي!

## زخمي پوئنر

منهنجي ۽ تنهنجي وچ ۾
ڪو اڻ مقرر ڪيل
پنڌ تہ ڪونهي
ڪجهہ قدمن جي تہ ڳالهہ آهي
جيئن تہ مان
آڏامڻ جهڙو نہ رهيو آهيان
رڙهي تہ سگهان ٿو
تنهنجي پار
تو اوپر جي ڪُنهرن
۽ بدشڪل هٿن سان
گَل جهڙو سُڪ، لڪائي رکيو آ
مان، آڏامي نہ سهي
رڙهي تو وٽ ايندس
جڏهن تہ رتوڇاڻ آهي منهنجو تن
جڏهن تہ تو، هٿن سان سُنهن
۽ ڪنڊن سان، تن
لِڪائي رکيو آ!

# انور پيرزادو

## چميل برف ـــ ڍڪندڙ رت

### غزل

نفرتون هر طرف ٽيون ڪرڻ ڏند،
سڀ زبانون تکيون ڇُريون ٿيون لڳن.

وات ڪاتن جيان وڍڻ وينا،
اکيون آلرون ڪيون ٽيون رانپوٽن.

ساز، جن پيار جا ٿي گيت ڳيا،
جنگ جوٽڻ جون ويٺا رٿيون ڪن.

تون چوين ٿي ته توسان پيار ڪريان،
ڇا ڪيان، سُورَ ڏاڍو ڏونداڙن.

پيار مون کان ته ٿي نه سگهندو، پر،
نفرتون پي ته مون کان ڪينَ ٿين!

تون چوين ٿي ته توسان پيار ڪريان،
پل ته ماڻهو سڙن ۽ نفرت ڪن.

●

ڪنهن جي اکڙين جو اولڙو پيو آ،
مَن جي هر گهاوَ تي لڳي ويو آ.

دل جي دک دک جا پاتي ٻوڙ آهي،
هاڻ سنهنجو هجي، ٻڌي پيو آ.

رات ساري ته سنسڪ ۾ گذري،
صبح ٿيندي ئي هو رَهي پيو آ.

سانجهه سُرهي ۽ تنهنجا گُل ڏنل،
هي سمو گيت جان ٿي پيو آ.

چنڊ ڏاڍو ٽڪل ٿو ڏسجي اڄ،
رات مون ساڻ هت رهي پيو آ.

# Lovers' Day

14 فيبروري جو ڏينهن آ
منهنجي دل
پَٽڪَ ٻڌي ويٺي آ
ته مان 'لَورسِ ڊي' تي
بيچ لگزري هوٽل ۾ وڃي
ڊانس ڪريان-
(پروفيسيءَ جي سرهاڻ ڪي
روح جي گهراين سان چکي
ڪَٽرابن ڪُٽرين تي ويٺل
ڪنوارن جسمن جي
نئين نڪور شاعري پڙهان)
پر ڏيڊ رٿي واري
منهنجي رڌي پين،
اصل نٿي مڃي-
(ان جو مون کان به
گهڻو مٿو ڦريل آهي)-
ٽئي تي،
هل ته
برف جميل ٽڪرين مٿان
چٽڪار ٿيل
ٽهڪندڙ رت مان
ڇيڇ ٻوڙي ساٽ ڪريون-
آءٌ من جي
هن طبقاتي ڇڪتاڻ کان
ٻور ٿي
ٻيڙي منهن سان
ريڊيو 'آن' ڪري
پيٺي ڪن لائوڊ اسپيڪر تي
رکي ٿو ڇڏيان-

(جنهن کي ٻڌندي ٿي
خودڪشيءَ جا خيال ٿا اٿن
ائين جيئن لائوڊ اسپيڪر مان
لهرون آواز جون)
ريڊئي جو آواز
ڪنن ۾ ڪوڪرا ڪري ٿو
آءٌ پنهنجي مس ٿمندڙ پين
۽ رت وهندڙ مَٿن
ميز جي هڪ ڊراير ۾ رکي
ٻَر منهن ڪري
هليو ٿو وڃان-
(ڪنهن چوٿين آواز
جي تلاش ۾-)

●

چو ٽي پنکين
جُهڙَ جي ڪڪري
رات رهي وچ
اکڙين ۾

●

سُند ڦيرڻ سان
جيڪي اداس
ٿي ويندا آهن
شاعر هوندا آهن

●

هاري ٽڪجي
چَور ٿي
چئي ٿو
اَءُ به ائين
مري ويندس
جيئن بابو مري
ويو هو

●

مريض هڪڙو
نرس کي چئي ٿو
سُئي هڻڻ کان اڳ ۾
ٿورو مُرڪي ڏس
....................
سور نه ٿيندو

●

سَرَءُ ليسرڻ
چيٽ پيچڻ
آتر لڳڻ
چنبڊ ڪيڙڻ
سِڪ لڳڻ
پتائي پڙهڻ
باڪ ڦٽڻ
ماڪ پوڻ
پيچ پئيءُ
سات ٿيڻ
ميندي لڳڻ
لانئون لهڻ
ڪنوار ٿيڻ
گهوٽ ٿيڻ
شهيد ٿيڻ
هي سڀئي جڻ
سولهن اسم جون فعلي صورتون آهن

●

ڪنهن پاڳل
چترڪار جو
ڪو قائل ڪئنواس آهي
هي منهنجو ڳوٺ ته ناهي

●

منهنجو ننڍڙو
ڳوٺڙو
آفريقا ۾ آهي
باقي ملڪ
يورپ لڳو پيو آهي

●

پار انهيءَ لاءِ پيارو ناهي
جو سورن ساڻ
جڙيو ويو آهي
.................
پارن سان پيار
جسم سان پيار
جو ٿالو آهي

●

سڄو مهينو لوڙيو آهي
پگهار جو ڏينهن
اچي ويو آهي
جڻ ٽيڙ تَپ
چڙهي ويو آهي

●

ڪوئي آهي
سڪل وڻن جي
ٽارين جان
هٿ ڪنيون
اپ کي باڏائي

# سحر امداد

## ڌوتل مک ـــ شيتل اکيون

### وائي

چونڊي تي جو چنڊ ڏٺومِ،
سرتيون ساجن سنڀريومِ،
تارا تارا لُڙڪ رُنامِ.

ڏينهن ڏُونگر، راتيون روهه، جانبه جهڙي جنڊڙي،
تو ريءَ جاڙ جيومِ.
مَن ـ بَن ۾ دُکندو دُک؛ "سُکي آهيان سرتيون!"
ڪيڏو ڪُوڙ ڪيومِ.
سهسين سانگ سڄڻ ڪري، مُرڪي ايندا مان ڳَري،
هينئڙي ڏڍ ڏنومِ.
ڏُرت ڏُهاڳ ڏُونگرين، جيئون جُڳ آ جيڏيون،
ڏانوڻ نه ڏايومِ.
هيڏي شهر ڀنڀور ۾، "موتي مون نه وڃئا،
ڪايو ڪمايومِ."
مُٺل مارو، ڪُٺل ڪيڪُون، اکثين ٻڌم اکثا،
ڪَنين ميڻ وڌومِ.
تاسين پِرَ نه پُڇڻو، جاسين ڪاريون راتيون،
رِيٿو رت نه رنومِ.
دَڳَ سمورا نرڳ ڏي، سَرڳَ سمان سپرين،
پوءِ ساگر آڪريومِ.

### ڏيڙو

ليٽل اڱڻ تي
چَنڊيل ٻَن
وِسريل يادون ۽ مون مَن

ٻَن ـ چِڻَ جو آواز ايئن
ٻُور ڀرينءَ جو
ڏيري ٻهر ڏري جيئن

## ناٽو

ها ٻر ڪڏهن ڪڏهن
جڏهن
مان تو وٽ نہ هوندو آهيان
سي راتيون
تون سيج تي
لڙڪن جون مالهائون پائي
سمهندي آهين
تنهن ڪان پوء
پاڻ جڏهن بہ ملندا آهيون
(ڌرتي ۽ آڪاش مان ٿا)
سي راتيون بہ
ياڪر پائي
چرين وانگر چميون ڏيندي
روئي پوندي آهين
تنهن سمي
او روپ وَنتي
هڪڙوئي ٿو ڀُور پوي
(سُور ٿو سَري)
ڳذريل ڪنهن بہ جنم ۾ تون
ساوڻ جي موسم هوندين
۽ مان پاپيهو

## ڪنو

سَجل سَجني
ڌوتل سُڪ
شيتل اکيون
تنهنجي چهري کي
شويا ڏينديون آهن
تنهنڪري
پهرين ڏينهن کان
مـان
توکي روناڙيندو اچان

امداد حسيني

# ڀڳهه مٿان آ گُل ڏِڙيو

## وايون

واءُ لڳو واريءَ تان ٻيرا، ٻَرَ ڪري اڏريا.
ڏور ٿي ويا ڏيهي ڏيرا، ڳهنگهر ڏينهن گُذريا.
بندوق ڇُٽي اڏريا ڳيرا، حد لاحد اڪريا.
آپ ھو ٻڪ ٻڪ ڇيرا ڇيرا، تارن-ڦٽ آجريا.
لُڏي رهيا لامن آکيرا، سج الٿا اڀريا.

●

مان ٻي ڏوهي، مان ٻي ڏوهي، منهنجو ڏوهه نه ڪوئي،
منهنجو ڏوهه اِهوئي.
سَچ سُهائيءَ اوڇائيءَ تان، سچ ڏيان ٿو ڇوئي؛
منهنجو ڏوهه اِهوئي.
مات نه مُور ميان او لوڪو، موت مڱان مُرڪوئي،
منهنجو ڏوهه اِهوئي.
چانڊوڪيءَ جي لڙڪن سان مان، داغ ڏيان ٿو ڌوئي،
منهنجو ڏوهه اِهوئي.
جي ڏيان ٿو: ”اندر ڪارا، ڪاريءَ ٻيرو ٻوڙي،“
منهنجو ڏوهه اِهوئي.
ٻيلي رُت ۾ هٿ ڳتي تي، رت ٻوان ٿو روئي،
(ليڙ لٽن تي، هٿ ڳٽن تي، رت ٻوان ٿو روئي)
منهنجو ڏوهه اِهوئي.
جهنڊي وانگر جيءَ جڙي وئي، لوهارين جي لوئي،
منهنجو ڏوهه اِهوئي.

## وقــت

وقت بہ آهي ميتَ جيان،
روڪڻ چاهيان ـ
روڪي ڪونہ سگهان،
چاڳرين پيرين وانگيان ـ
رُڙندو آڱرين مان،
رت ڳاڙيندو وِڻين منجهان ـ
اڪڙين جي ڳِڙڪين اڳيان
لنگهندو ويندو آهي ـ
ڪيڏي ڪئورتا سان ـ
پـَروَس پـِراڻَ جيان:
سُڙي بہ ڪين ڏسي پنيان ـ
ٽوڪڻ چاهيان ـ
ٽوڪي ڪونہ سگهان،
روڪڻ چاهيان،
روڪي ڪونہ سگهان ـ
وقت بہ آهي ميت جيان!

## لڙڪ ـ سنگهر

توکان ايترو بہ ڪونہ پڇيو
هٿ رکي نراڙ مٿان
ڏسين تہ
پران پيو يا ٺران پيو
تو تہ اهو بہ نہ پڇيو
ڪيئن آهيان؟
۽ مان؟؟؟
لڙڪ ـ مرڪ جا گل ۽ ماڪ
توکي آڇڻ ڪان بہ ويس
پر
لُڙڪ ـ سنگهر ڪو ڏاوڻ ناهي
مرڪ ڳرهاٽي ناهي
لڙڪ ـ سنگهر ڪڏهن بہ ٽوڙي سگهجي ٿي
مرڪ اورانگهي سگهجي ٿي
جڏهن بہ ڪوئي چاهي!

## آداس نيڻن جي نازءَ

هيوُج ڪارِ پنهنءَ سيت تان آداس ٻه نيڻ
بنا نهارَ جي مون ڏي تڪيپ رهيا آهن
۽ آءٌ نيڪ ڏيو پول ڪي هميشا ڪان
جڳين ڪتان جنمن ڪان اِئين اٿيهي ڪان
نظر جي ڏور ٻڌيو تاڻجان پيو توڙي
(ڪڏهن ته تون ٻس لهي آءٌ لهر لهر هلي
۽ منهنجو هٿ جهلي روڊ تان آڪارين پار!)

۽ منهنجي ذهن ۾ هڪ ٻار راند ٿو ڪيڏي
۽ منهنجي ياد ۾ تُڏجي ٿبو چنڊ جو ڪينهو
۽ تنهنجي ڪُونج ڳچيءَ منجهه مَتَ سَري دُهري
۽ وقت؟ ڪات جو هر ريڪَ کي ڪَپي ٿو ڇڏي
۽ موت؟ ماتِ جو جهَڙپي جهَتي جهَپي ٿو ڇڏي

۽ روڊ هَٽَ تيريءَ جي لڪير ڪانهي ڪا
جو آءٌ روڪي سگهان صرف مَٽ بند ڪري
جي آءٌ روڪي سگهان ٿو ته صرف لڙڪن کي
آهو ، شرط اِنهيءَ سان: وڇڻ جي وقت سندءِ
هيوُجِ ڪار پنيان ڏوڙ ڪانه آڏاريندي!

## ڏيڙو

ڪتان چڙهئي هي رنگ؟
وارِ ليڻ، مِن -
ڪَلر ميچنگ!

## پهر پهر زهر

آلهندو ڏينهن جڏهن ڏوهه ڏنڏ سپ ٻاسي
آداس شام جڏهن دولهن دولهن ٽي ويندي
تہ پاسندوهہ اڱڻ تي گهٽو اڪيلو ٻڙ
۽ منهنجي ياد دريون در پيچي هلي ايندي:

آماس رات جڏهن ٻهر ٻهر ٽيندي زهر
آلوٽ ننڊ ۾ هوندو ستل آياڳو شهر
کهڙي کهڙي ٻہ ائين گذرندي ٻئي توتان
”سراپ، ويل ۽ بغداد، هاء، کهوڙا، تهر!“

تہ پاسندوء تہ در تي ڪڙو لڳو آهي
۽ چوندين تہ اِها رول جي صدا هوندي
۽ لڱوهہ ٻائيندين، ٻر ٻري ٻري تائين
ڪهڻيءَ ۾ ڪوبہ نہ هوندو، رکي هوا هوندي!

## ڏيڙو

تون ۽ مان
هڪ سکي جي
ٻن پاسن جان!

## هڪ ڇالو نظم

شعر لکڻ ليءِ ڪهڙو سُود؟
سيڻن جي ڀتر جو
هڪڙو جهُريل جهُوپو ناهي
لفظن جي وڏيري هٿان
اَن کي ڏاهي
لِکرائي باهي
ڳاهي ڪِتهي جيئن
تيئن هڏا هاريءَ جا ڳاهي
اَن جي لَج تان لوٺي لاهي
تشبيهن جا تَلهڙ هٽي
ڀُوريون ڪُنڍيون
ڀَڪا ساوا
هَڙٺي ڪاهي
ڪوتا جوڙي سگهجي ٿي
ٻر ڇا ان سان —
ڪنهن ظالم جي
ٻاڙ آڪوڙي سگهجي ٿي؟
پيرن ٻر جا پاتل آهي
سا سنگهر ٽوڙي سگهجي ٿي؟
جي ايئن آهي
جي ايئن ناهي
پنهنجو ڇاهي؟
هرويرو ڇو چڙهجي
سوچ لوچ جي ڦاهي!

## ننڍو نظم

ڊَپَ مُهرِي ويا نيرڙَ تي
اکين منجهه ٽُوهر ڦُٽا
رُڳي رُج ٿي رُجَ ڪوري پني تي!

ساميائي ڌڪاوَ ڀريل ليٽڻ سان اندر جا ڇيرا ڇيرا پنهنجي اندر ۾ اوتيندي، ٻجڪو هن جي ايرن ۾ ڀيل چڙهيو. سندس نيٽن ۾ وڏي ڦٽڪات سان نهاريندي، اچانڪ اوچنگارن سان سَٽ ڏئي موٽ ڏي ڪائي. ڪن لاءِ هو چڻ سراپجي پٿر ٿيو وڃي. اچانگ ڪو سالگ ساري هو پنيانهس لهاريندي واڪو ٿو ڪري:

”ترس، نه پوري ڳال نه مهاڙ، ايڏو ڦوڙائو، ڪيڙوءِ رتو آهيان. جي نيٽن سان ڳڏ ٻانهن به وڌائي اٿي، ته پوءِ مون ڪي به اروڙ جي ٻَنڌ ڀڃڻ ڏي اچي.“

هو سنياسين جيان پنهنجيءَ وڏي اجرڪ جو پانڌو ڳچيءَ سان ٻَڌي ٿو. وٽن ۾ لٽڪيل پنهنجي ڪپڙن ڏانهن نهاري به نٿو. بس، رڳو ٻجڪو ۽ پاڻيءَ جي ڪَلي ۽ ٻسڪوٽ ڪٽي، پنيري سانت پريل مانار ۾ ٻيهي ويل سامڻ جي ڪلهي ۾ پاڻيءَ جي ڪَلي ۽ ٻانهن ۾ ٻانهن اڙايو ساڻس جٽ ٿيو هلڻ لڳي ٿو.

... ... ...

ٻه پاڇا وڃي رهيا آهن... جوڳين جي دونهين ۽ دودرن ڏانهن، ڇيتا ڀيتا، ٻه روشن پاڇا آنهريءَ جيان.

•

## لفظ

گولڪا، ٻوڙا ۽ الڌا هوندا آهن. انهن ڪي چوڻ، ٻڌڻ ۽ ڏسڻ جي سگهه عطا ڪرڻ ليڪڪ جو ڪم آهي ۽ انيسن هو ’سرجٹهار‘ جي رتبي ڪي رمي ٿو

# شوڪت حسين شورو

## هڪ ٻئل ماڻهو

هو فوٽ پاٿ تي رکيل سيڪنڊ هئنڊ ۽ ردي ڪتابن جي اسٽالن تي واري واري سان ٻيهندو ڪتاب جاچڻ لڳو. هڪڙي هنڌ هن کي ’گاڊ فادر‘ ناول نظر آيو. قيمت پڇيائين. ويهه رپيا. هن حيرت مان اسٽال واري ڏانهن ڏٺو.

”دڪان تي هي ڪتاب اوهان کي چاليهه- پنجاهه رپين ۾ ملندو.“ اسٽال واري چيو.

”اهو ته سٺي حالت ۾ هوندو. هن جي حالت خراب لڳي پيئي آهي.“

”اوهان جي مرضي. مشهور ناول آهي. هن تي فلم به ٺهي آهي، جنهن ۾ مارلن براندو ڪم ڪيو آهي. پاڪستان ۾ ان فلم تي بندش پيل آهي.“ اسٽال واري پنهنجي معلومات ظاهر ڪندي چيو. هن بنا ڪجهه چئي ڪتاب اسٽال واري کي موٽائي ڏنو.

هو هلندو پئي اسٽال تي اچي بيٺو. ٿلهن لصاب جي ڪتابن ۾ هن لوبوڪوف جو ناول ’لوليتا‘ پيل ڏٺو. پڪي جلد سان. بهتر حالت ۾. هن قيمت پڇي. ڏهه رپيا.

”اٺ رپيا وٺ.“ هن چيو.

اسٽال واري بنا بحث جي ڪتاب ڏئي ڇڏيو. ’لوليتا‘ پڙهڻ جو هن کي گهڻي وقت کان شوق هو. اسٽال وارو قيمت گهٽ نه ڪري ها ته به هو وٺي ها.

شام ٿي چڪي هئي. ڪراچيءَ ۾ رات جون روشنيون جڳ مڳ ٻرڻ لڳيون هيون. جارج هوٽل جي اڳيان فوٽ پاٿ تي تمام گهڻي رش هئي. ڪئسٽن جي زور زور سان وڄڻ جو شور هو. هو ماڻهن جي پيهه ۾ پيسجندو هليو. سندس ساهه پوساڻجڻ لڳو. هو سب وي وٽان مڙي ڪئينس روڊ تي آيو. ڪپڙن جي دڪانن جي اڳيان لنگهندي هن کي خيال آيو ته هڪ نئين پتلون ۽ قميص جي لاءِ ڪپڙو وٺي. پگهار جا سمورا پئسا هن جي کيسي ۾ هئا. گذريل مهيني هن جيڪا پتلون ورتي هئي اها به درزيءَ کان ڪٽي هئي. کيس لوڻ ڪپڙن خريد ڪرڻ جي اينتري گهڻي ضرورت ڪانه هئي. هن پنهنجو اراد و بدلائي ڇڏيو. پوءِ سوچيائين ته ڪنهن سٺي هوٽل ۾ ويهي چانهه پيئي ۽ ’لوليتا‘ جا پنا اٿلائي پٿلائي. شام جو عذاب هن کي ڪيئن به ڪري سهي گذارڻو هو. هن جي دل ويهڻ لڳي. هو پئراڊائز سئنيما وٽ روڊ ٽپڻ جي لاءِ اچي بيٺو. هڪ عورت به ٽريفڪ بند ٿيڻ جو انتظار ڪري رهي هئي. هن عورت ڏانهن ڏٺو. هوءَ 28-30 سالن جي لڳ ڀڳ هئي. رنگ سانورو هوس ۽ مهانڊو وڻندڙ.

”ٻن-ٽن ڪلاڪن جي لاءِ تنهنجي جيتري في آهي، سا هنن مان ڪٽي وٺ.“

عورت کي ڪجهه به سمجهه ۾ نه آيو. هن کي اهو سڀ عجيب عجيب ٿي لڳو. هن جو اهڙي ماڻهوءَ سان ڪڏهن به واسطو نه پيو هو. هن نوٽن ڏانهن ڏٺو ۽ اندازو لڳايو ته هزار ڪن هوندو. هن ماڻهوءَ ڏانهن ڏٺو، جيڪو بنا نهار جي ڪيس تڪي رهيو هو ۽ پاڻ الاجي ڪٿي هو. ويتر آيو ۽ خالي پليٽون کڻي ويو. ٿوري دير ۾ چانهه کڻي آيو.

”نه، مون کي اهڙا پيسا نه کپن،“ نيٺ عورت ڪڇي.

”ڇو؟ آءٌ توکي هي پيسا خيرات ۾ ڪونه ٿو ڏيان. اهي تنهنجي ٻن-ٽن ڪلاڪن جي في آهن.“

”عجيب شخص آهين تون! مون کي سمجهه ۾ نٿو اچي ته تون هروڀرو ڇو مون کي پيسا ڏئي رهيو آهين. توکي مليو ڇا؟“

هن مُرڪي ڏنو.

”توکي ڪهڙي خبر ته مون کي ڇا مليو. نه، تون اها ڳالهه واقعي سمجهي به نه سگهندينءَ. خير، ڳالهه وهنوار جي آهي. مون تنهنجو وقت ورتو آهي ۽ ان جو عيوضو مون کي ضرور ڀرڻ گهرجي. توکي جيترا مناسب سُجهن اوترا هن مان کڻ.“

”تو وٽ پيسا گهڻا آهن ڇا؟“ عورت ڇانهه ناهيندي چيو.

”گهڻا ته ڪونه آهن. آءٌ هڪ معمولي ملازم آهيان. هي منهنجي پگهار جا پيسا آهن.“

”۽ اهي پيسا تون ائين وڃائي ڇڏڻ ٿو چاهين؟“

”جيڪڏهن آءٌ هوٽل ۾ ڪمرو وٺان ها ۽ توکي اتي وٺي هلان ها ته پوءِ سمجهان ها ته مون پيسا وڃائي ڇڏيا، پر هي سڀ آءٌ پنهنجي خوشيءَ سان ڪري رهيو آهيان. مون کي رڳو تنهنجو سات کپي. آءٌ تو سان ڳالهيون ڪرڻ ۽ تو سان رستن تي گهمڻ چاهيان ٿو. ان کان وڌيڪ مون کي ڪجهه نه کپي.“ هن جو آواز گنڀير ٿي ويو.

عورت اکيون هيٺ ڪري پنهنجن هٿن کي ڏسڻ لڳي.

”تون سمجهندي هوندينءَ ته آءٌ ڪو چريو آهيان.“ هن کلندي چيو.

”نه نه، اهڙي ڳالهه ته ڪانهي،“ عورت کي پشيماني محسوس ٿي. ”چڱو، پيسا تون پاڻ وٽ رک، مون کي ڪجهه خريد ڪري ڏجانءِ.“

”ها، اهو به ٺيڪ آهي.“ هن پيسا کڻي کيسي ۾ وڌا. عورت ڏٺو ته هو خوش ٿي ويو هو. هن ٽيبل تي رکيل عورت جو هٿ پنهنجي هٿ ۾ ورتو ۽ ان کي ڏسڻ لڳو. پوءِ هٿ کي مٿي کڻي ويجهو آندائين ۽ ترريءَ تي پنهنجا چپ رکي ڇڏيائين. هو هر گذرندڙ پَل کي پيئندو رهيو. ويتر هڪ ڀيرو وري آيو ۽ اندر جهاتي پائي هليو ويو.

”تون اهڙو ڇو آهين؟“ عورت پڇيو.

”اهڙو ڇا؟“

”سچ.“ ۽ هن ڏٺو تہ عورت جي منهن تي آداسي اچي وئي هئي.

ٻئي ڪيفي هانگ ڪانگ ۾ اچي ويٺا. دير ٿيڻ سبب رڳو ٽي-چار جوڙا ويٺا هئا.

”تون بور تہ ڪانہ ٿي پئي آهين؟“

”نہ. بلڪل نہ. ڪمال آهي، تو اهو ڪيئن سمجهيو!“ عورت سرڪندي ۽ ناراض ٿيندي چيو.

”الائي! آءٌ تہ ائين سمجهندو اهيان، تہ منهنجي ساٿ ۾ ٻئي ڪسي رڳو بوريت پلئہ پوندي آهي.“

”تون بہ عجيب ماڻهو آهين. پنهنجي لاءِ پاڻ ئي خيال ناهيو ويٺو آهين“، هوءَ کلڻ لڳي.

”خير، منهنجي اڄوڪي شام تنهنجي نالي آهي. شايد منهنجي زندگيءَ جي اها پهرين شام آهي، جيڪا تنهنجي ڪري بوريت کان سواءِ گذري وئي ۽ مون کي خبر بہ نہ پئي.“

”پر مون تہ ڪجهہ بہ نہ ڪيو آهي!“

هو کلي چپ ٿي ويو.

هنن جيستائين مالي ڪاڏي، هوٽل ذري گهٽ خالي ٿي چڪي هئي. هن بل گهرائي پيسا ڏنا. ٻاهر اچي هن چيو، ”هاڻي تون ويندينءَ؟“

”ها، وڇڙو تہ آهي“، عورت کلي چيو.

”ڪا ٽيڪسي هٿ ڪجي...“ هو هيڏانهن هوڏانهن ٽيڪسيءَ لاءِ لهارڻ لڳو.

”ٿورو هلون ٿا. صدر ۾ ٽيڪسي ملي ويندي“، عورت چيو ۽ ٻئي هلڻ لڳا. هن کي پنهنجو من ڳرو ڳرو ۽ ٿڪل محسوس ٿيو. هن ان احساس کي دٻائڻ لاءِ ڪجهہ ڳالهائڻ چاهيو.

”جيڪڏهن تون وري ڪٿي ملي وڃين تہ مون کي سڃاڻندينءَ؟“

”آءٌ توکي وساري نہ سگهنديس“، عورت پوري سنجيدگيءَ سان چيو. هو ٽهڪ ڏيڻ لڳو.

”چو؟ ان ۾ کلڻ جي ڪهڙي ڳالهہ آهي؟“

”اهو ڊائلاگ تہ فلمن ۾ محبوبہ ڳالهائيندي آهي“، هو اڃا ٽهڪ ڏئي رهيو هو. عورت هن ڏانهن ڏٺو ۽ سندس نظرن ۾ ڏک هو.

هو اوچتو چپ ٿي ويو ۽ چيائين، ”ٽيڪسي تہ نظر ئي نٿي اچي...“ عورت نہ ڪچي. هو سمجهي ويو، تہ سندس ڳالهہ عورت کي رنجايو آهي؛ پر هو ڪري بہ ڇا ٿي سگهيو. هن کي عورت جو جملو بلڪل روايتي قسم جو لڳو هو—۽...۽ کلڻ تہ هن زوريءَ ٿي چاهيو.

شرجيل

# من جو اڱڻ

● **اها** ڪيڏي نه وڏي ٽريجڊي آهي، جو تو پنهنجي جوانيءَ جا سچا سارا ست سال گذاري، ۽ پوءِ هڪ اهڙي ماڻهوءَ سان شادي ڪري ڇڏي-- جنهن سان پڻ سالن تائين ايڊجسٽ ٿي نه سگهي آهين-!

-اهو سوال، تون پنهنجو پاڻ کان ڇو نه ٿو پڇين!؟

● اسان مردن جي پڻ ڳالهه آهي جنمي، جيتوڻيڪ مون اڃا شادي ڪانه ڪئي آهي. تنهنجو وجود ۾ انڊراسٽينڊنگ وسارڻ جهڙي ڪونهي- تڏهن به بنا انڊراسٽينڊنگ جي ڪافي جسم ملبو وڃن. بس اهوئي فرق آهي، تنهنجي منهنجي ٽريجڊيءَ ۾--

- پوءِ تون شادي ڇو نه ٿو ڪري ڇڏين!؟

● اهو ته سنئون سڌو تون مون کان پنهنجي محرومين ۽ غلطين جو بدلو وٺڻ ٿي چاهين-

-نه، مان صرف توکي خوش ڏسڻ ٿي چاهيان-

● اهڙيءَ طرح مان، جهڙيءَ طرح تون خوش آهين!؟

-نه،-

● ته پوءِ پيون ڪهڙيون خوشيون ملي سگهن ٿيون-؟

-اهي خوشيون توکي پنهنجي ماءُ ۽ جوان پيءُ جي ارمانن جي پوري ٿيڻ جي معاوضي ۾ ملنديون-

● آهين نه عورت! تڏهن ته مَردن جي معاملي ۾ ضرورتن کي اهميت نه ڏينديون آهيو-

-ڇا، توکي پنهنجي ماءُ ۽ پيءُ جو ڪوبه خيال ڪونهي؟

● هنن کي پنهنجي حصي جون خوشيون ضرور ملنديون-- ايندڙ مهيني جي 27- تاريخ تي سعيدا جي شادي ٿي رهي آهي- شادي سندس پسند وٽان ٿي رهي آهي- اِن ڪري جو جيڪي غلطيون وڏن کان شروع ٿين، انهن جو وَرجاءُ اولاد ۾ نئين لاءِ سخت هاڃيڪار ثابت ٿيندو آهي-

-ڇوڪرو ڇا ڪندو آهي؟-

● هو يونيورسٽي ۾ ليڪچرار آهي--

-ڇا، شاديءَ کانپوءِ سعيده کي ماستري ڇڏڻي پوندي؟

هلندي وقت جميءَ پرس مان لفافو ڪڍي، اک وٽي هن کي ڏنو هو-”جان محمد، گاڏي اسٽارٽ ڪر، سڌو حيدرآباد هلڻو آهي-“

هن ڊرائيور کي پاڻ ڏانهن سوال وارين نگاهن سان ڏسندي ورائيو- هو گاڏيءَ جي پوئين سيٽ تي آهلي پيو-- ڪي گهڙيون ائين رهيو-جڏهن گاڏي ايئرپورٽ روڊ تي ڊوڙڻ لڳي- هن سڌو ٿي ٻانهن وڌائي، ڇت واري بلب جو سوئچ آن ڪيو-- هلڪي پيلي روشني گاڏيءَ ۾ پکڙجي وئي-- ڊرائيور پوئتي مڙي ڪيس ڏٺو-- هن ڪوٽ جي کيسي مان لفافو ڪڍيو-خط کولي پڙهڻ لڳو.

٢٢-فيبروري

منو

مون سعيده جي هٿان، توکي تاريخ ۽ فلائيٽ جو اطلاع ڏئي ڇڏيو آهي-مون کي اميد آهي ته تون ضرور ايندين- هي خط مان وچڻ ڪان ٻه ڏينهن اڳ ۾ لکي رهي آهيان-رفيق جي پروگرام سارو سال رهڻو آهي- مون کي ڪا خبر ڪانهي ته هن جو پيو ڪهڙو پروگرام آهي- هائو جيڪڏهن تون نه آئين ته هي خط توکي آتان پوسٽ ڪنديس- منو، مان سچ پچ گلتي آهيان، مان ڪهڙي نه عجيب عورت آهيان، جنهن مان ڪوبه خوش ڪونهي- تو سچ چيو آهي، مون کي پنهنجا ڏک سور ياد رهندا آهن-مون پنهنجي خاندان جا ڏک سور، عزتون ۽ رک رکاءَ، سڀ سوچي سمجهي هنن جي خواهش پٽاندر پنهنجي سر کنيا آهن، ايڏي وڏي فيصلي ۽ معاهدي ڪان پوءِ به هو سڀ خوش نه آهن، جو مان خوش نه آهيان- هو سمجهن ٿا ۽ سوچين ٿا ته اهو سڀڪجهه ٺيڪ نه ٿيو آهي، پوءِ به هو ٺيڪ سمجهن ٿا- اها مون سان ۽ انهن سان وڏي ٽريجڊي آهي، مون زندگيءَ جا ست سال، هڪ جهڙيءَ ئي اذيت ۾ گذاريا آهن، توکان ته منهنجي زندگيءَ جي هڪ گهڙي به ڳجهي ڪانهي- مون سوچيو هو ته تنهنجي شادي ٿي وڃي- پر تون هر پيري اها ڳالهه مختلف بهانن ۽ طعنن سان ٽاريندو رهين، ۽ اها ڳالهه پاڻ وڏيڪ مون کي ڏوهي ثابت ڪندي وئي، تو چواٽي ته ’سماج اسان کي لتاڙي چيپاٽي گذري چڪو آهي-اسان پٺي، هڪٻئي لاءِ مثل ۽ فنا ٿيل وجود آهيون-‘ پر پوءِ به ملون ٿا! ڇا اهو ڪوڙو سچ ڪونهي! شايد تون مون کي جذباتي چوين- پر اها حقيقت آهي منو، ته مان ايندڙ زندگيءَ جا سال خوش ٿي گذاري سگهان منهنجي جاڻ، منهنجي سوچ، منهنجو پيار مون لاءِ عذاب بڻيل آهي- رفيق منهنجو سوٽ آهي، ۽ ساڳي وقت پن سالن کان گهر وارو پڻ، انهن پن سالن ۾ گهر جي ضرورت ڪان سواءِ سينگار، ڏاهه جوڙ ۽ لگزريءَ جي هرشيءِ آندل آهي، مون کي گهر ۾ ڪجهه به ڪونه ٿو ڪرڻو پوي، ايڏيون وڏيون قيمتي شيون ۽ زيور ڪٿان ٿا اچن! مون کي خبر آهي، رڳو منهنجي چپن تي مرڪ ڏسڻ لاءِ ايڏا وڏا جتن ڪيا ٿا وڃن، سچ پڇين منو، مون کي ڪڏهن ڪڏهن رفيق تي ڏاڍو ترس ايندو آهي، پر مان هن لاءِ ڇا ٿي ڪري سگهان! ڪجهه به نه- هو سڀڪجهه سمجهي ٿو-

پوءِ بہ مون کي ڪٽڻ لاءِ جنگ جاري رکيو ويٺو آهي، هو مون کي امريڪا وٺي وڃي رهيو آهي، رڳو مون کي خوش رکڻ لاءِ هو لبرل آهي - تون خود چوندو آهين تہ اسان جي سماج ۾ ڪيترائي پڙهيل لکيل ماڻهو لبرل رڳو پنهنجي آنا ۽ مفاد جي خاطر هوندا آهن؟ - هو مون کي تنهنجي گهر رڳو ان ڪري ڇڏيندا آهن، جيئن هو پنهنجي آزادانہ ذهنيت جو طعنو ڏئي، مون کي پنهنجي مرضين ۽ ڪن مخصوص ضابطن جو غلام بڻائي سگهن - منو، مون توکي ايئرپورٽ تي اچڻ لاءِ رڳو انڪري زور ڀريو هو. هڪ تہ تنهنجو صورت کي ڀين پنهنجن سان گڏ ڏسڻ پئي چاهيم، ٻيو تہ اهو ڪجهہ جيڪو توکي ٻڌائيندي رهي آهيان، يا اڃا اهو ڪجهہ جيڪو توکي نہ ٻڌائي سگهي آهيان، توکي لکي ٻڌائڻ پئي گهران، جيتوڻيڪ اهڙي تحرير توکي اتان پوسٽ بہ ڪري ٿي سگهيس. تڏهن بہ مناسب سمجهيم تہ توکي روبرو ڏئي ڇڏيان - ٻڌ منو، رفيق منهنجو مڙس آهي، ۽ رڳو مون کي ذهني طرح حاصل ڪرڻ لاءِ هن سرڪاري نيڪي ۾ ٻنجن لکن جي گهوڙي هڻي آهي، مرد جڏهن عورت کي پنهنجي ڪمزوري محسوس ڪندو آهي، تہ هو پنهنجا وڏي ۾ وڏا راز بہ کولي ويهندو آهي، ۽ رفيق اهو سڀڪجهہ مون کي پنهنجي ڀرپور پيار جي احساس ڏيارڻ جي عيوض ۾ ٻڌايو آهي، ان صورت ۾ جڏهن مان تنهنجو ۽ رفيق جو مقابلو ڪندي آهيان تہ مون کي خواب ۽ حقيقت، ڪارو ۽ اڇو، ڏينهن ۽ رات، محبت ۽ نفرت جيڏا فرق ۽ تفاوت نظر ايندا آهن - رفيق منهنجو مڙس آهي، پر ذهني هڪجهڙائي نہ هئڻ ڪري هو مون کي ڪٽڻ لاءِ ان وڏي خال کي دولت ۽ وندر سان ڀرڻ ٿو چاهي، تون منهنجو سماجي ۽ قانوني طرح ڪجهہ بہ ڪونہ آهين، پر اسان ٻئي ذهني طرح ڪلهہ وانگر اڄ بہ ائين ئي آهيون - پر تون ان جي هوندي بہ مون تي ڪوبہ ڏباءُ يا حيثيت ڪونہ ٿو مڙهين، پر تڏهن بہ مان پاڻ کي سچو توڏانهن لڙيل محسوس ڪندي آهيان - مان ٻن ڏينهن کان پوءِ هيءَ سرزمين ڇڏي رهي آهيان، مون کي ڪوبہ ڏک ڪونهي - ڏس، مان ڪيڏي نہ بي حيا عورت آهيان، جو قانوني مڙس هوندي بہ هڪ غيرقانوني مرد جي ضرورت پئي محسوس ڪريان! جيڪڏهن مان چاهيان تہ هڪ گهڙيءَ ۾ اهو ڪجهہ ڪري ڏيکاريان جيڪو سال ڏيڍ کان منهنجي ذهن ۾ آهي، پر آءٌ ائين نٿي ڪري سگهان، جو ادا جي ٻن ٻارڙن جون معصوم صورتون آڏو قرن ٿيون، مون کي اها بہ خبر آهي تہ رفيق هڪ نہ هڪ ڏينهن ضرور گرفتار ٿيندو، هو ايترو اثررسوخ وارو هرگز ڪونهي، جيڪو آسانيءَ سان جان ڇڏائي سگهي - جنن بہ وڏن آفيسرن سان هن سٽ ڪيو آهي، اهي خود هن جا هڪ نہ هڪ ڏينهن دشمن ٿي ويهندا - اهڙن شڪن جو خود رفيق ذڪر ڪيو آهي، انهن ايندڙ حالتن جو بہ اڳ سڌي طرح منهنجو پنهنجو وجود ذميدار آهي؛ پر منهنجو ذهن ۽ خواهشون هرگز نہ - اِن ڪري مان مطمئن آهيان -

مُنو تو منهنجي جوانيءَ جي ستن سالن جو ذڪر ڪيو آهي -- پر هي تہ سڄي جيون جي ٽريجڊيءَ جو ذڪر آهي - ۽ اهڙيءَ طرح مان توکي پنهنجي ٽريجڊيءَ ۾ هرگز شامل نٿي ڪرڻ

مٿان اچي بيهاريائين. هن منهن مٿي ڪري ڪيس ڏٺو. هاڻيءَ جيڏي گهوڙي تي، ديوَ جهڙو ڊاهو ڊيگهرو قداور شخص، سندس هٿ ۾ ريوالور.

لاهوتيءَ هڪ گهمرو وري مٿس ڇٽر ڪندي چيو:

”پٺسن لاءِ پيٽ ۾ سور اٿئي تہ اها ڳالهہ ڪر، لہ تہ چار ئي دروازا کليل اٿئي. جنهن ڪي وٺئي تنهن کي وڃي دانهن ڏي. پيو لہ تہ.“

”پٺسن ڏيڻ واري جي جوءِ کي......... پٺسن وٺڻ واري جي ٻہ رَن کي......!“

دلو گار ڏيئي، ٻہ وکون پوئتي هٽيو، ۽ خبر ناهي ڇا سوچي، بندوق سڌي ڪري ڏوڙيو ڪٽي ڪرايائين. ٻہ چار ٻولاٽيون کائي، ڪتو ڪري پيو. ماحول تي سوٽ جهڙي ماٺ ڇانئجي ويئي.

دلوءَ ڦٽيل هاڻءَ سان پڇاڙڪو گهمرو مٿل ڪٽي ڏي ڏٺو ۽ تڏو ساهہ کڻي، بندوق ۾ نئون ڪارتوس پري، ڳورن قدمن سان پوئتي موٽيو.

لاهوتي ۽ سائين باشاهہ هراس ۽ اچرج وچان ڪيس ڏسندائي رهجي ويا.

●

**ـــــــاسان جا نقاد ڳالهہ کي ڳالهوڙو ڪري پيش ڪرڻ جي اڻٿڪ محنت ۾ رُڌل آهن ـــــــــ**

جان ڇڏائي سگهندو، شايد ڪجهه به چئي نه سگهي ۽ انهن ماڻهن جا مرڇڙا چپ چاپ سهي، اڄي گهر پيڙو ٿئي.

هاڻي:

ٻين ڪٿي ٿو. ڪمري جي در ڏانهن ڏسي ٿو. در بند ڏسي، پاڻ کي محفوظ سمجهي ٿو. الدر ۾ آيري آيل ڊپ جي ان خيال تي پنهنجي منهن مرڪي ٿو. پنا ڪٿي سامهون ڪري رکي ٿو.

چاهي ٿو:

اڻ ڳڻ پيرا سوچڻ ڪانپوءِ، هاڻي هو سوچن جي اها سموري ولوڙ قلمبند ڪرڻ ٿو چاهي. انهن ڪورن ڪاغذن تي اندر جا چيٽ چيڻ ٿو چاهي.

سمجهي ٿو:

سوچون، ٻين ۾ پيل مس جيان ڪاغذن تي هارجڻ لاءِ آتيون آهن، جڻ لکي ڇڏڻ ڪانپوءِ سندس من ۾ عذابن جا پريل بادل، مينهن وسائي هلڪا ٿي پوندا.

واقفيت:

منهنجو هي ڪردار هميشه ڪجهه نه ڪجهه محسوس ڪندو رهندڙ مرد آهي. شادي ڪيل اٿس، جيڪا سندس ڳوٺ واري گهر ۾ سندس پيءُ-ماءُ سان رهندي آهي. پاڻ کي هر وقت اڪيلو اڪيلو لڳندو آهي. اڪيلائيءَ جا ڏنڀ ڏيندڙ احساسن کان ڇوٽڪاري حاصل ڪرڻ لاءِ ڪنهن سپ جهڙي وجود جو ڳولهائو رهندو آهي. جڏهن به ڪو وڻندڙ ۽ موهيندڙ وجود ڪيس نظر ايندو آهي، ته اوڏانهن ڇڪجي ويندو آهي ۽ پوءِ ان جي معيارن مطابق ثابت ٿيڻ لاءِ پنهنجي سيني صلاحيتن کي اٿلائي پٿلائي، ڪنهن مثالي ڪردار جهڙو بڻجي پوندو آهي. سوپيا سان زندگيءَ جي ڪجهه پيارين گهڙين گذارڻ سان هن اهو فيصلو ڪري ڇڏيو هو، ته هو ساڻس شادي ڪري ڇڏيندو؛ پر ڪجهه ڏينهن اڳ هن جي سوپيا سان جيڪا فون تي گفتگو ٿي آهي، تنهن ڪيس پريشان ۽ مايوس ڪري ڇڏيو آهي. جڏهن به پاڻ کي سوچن جي دٻاءَ ۾ گهٽجندي محسوس ڪندو آهي، ته ڪا ڪهاڻي يا ڪو شعر لکي وٺندو آهي ۽ هاڻي به هو ڪجهه لکڻ ٿو چاهي؛ ڇو ته ڪيس پڪ ٿي وئي آهي، ته ڪجهه نه ڪجهه لکڻ سان سندس مونجهه هلڪي ٿي ويندي.

هاڻي:

هن کي بس اهو ٿي محسوس ٿو ٿئي، ته ٽيليفون دوران ڪانئس ڪي جملا چوڻ رهجي ويا آهن، جيڪي سوپيا کي ان ئي وقت چئي ڇڏي ها، ته جيڪر هاڻي سندس اها حالت نه هجي ها.

ان وقت:

جڏهن سوپيا ڪيس چپاٽ هڻندي ته ڇا هو ڪيس ڪجهه به نه چوندو، شايد ڪجهه به نه چويس.

# مدد علي سنڌي

## ڪنڊر

(۽ منهنجي هن جيون کي ڪوئي انت ناهي!!)
ڪائي معني به آهي ڪنهن چيز کي؟
؟ ؟ ؟

اصل ۾ ڳالهه هيءَ آهي ته جڏهن به ڪوئي پنهنجو چهرو آرسيءَ ۾ ڏسي ٿو، ته ڪجهه نه هئڻ جو احساس ٿئي ٿو!
ڪجهه نه هئڻ جو احساس؟
؟ ؟ ؟

نه هئڻ جو احساس به ته ڪجهه هئڻ جو احساس آهي. ڇا غور سان هرڪوئي آرسيءَ ۾ پنهنجي چهري کي ڏسي به سگهي ٿو؟
ڏسڻ سان پنهنجي پاڻ کي، محسوس الائي ڇا ٿيندو اهي؟
تون جلد چريو ٿي پوندين!!
... ... ...

(خاموشي.)
ڇو تون چُپ ٿي وئين؟
؟ ؟ ؟

مان فقط چوڻ اهو ٿو چاهيان، تون جلد مري ويندين!
آئون چوان ٿو، بڪواس بند ڪر تون!
چريائپ زندگيءَ جي حقيقت آهي، هڪ پڌيمان لاءِ!!
؟ ؟ ؟

بڪواس زندگيءَ جي علامت آهي. موت زندگيءَ جي حقيقت آهي. ۽ خاموشي زندگيءَ جو الت آهي. هرشروعات کي پڄاڙي ٿيندي آهي. هرشروعات جو الت به پڄاڙي آهي!
جيڪي شروعات ڪندا آهن، سي ختم نه ڪري سگهندا آهن. جيڪي ختم ڪري سگهندا آهن، سي شروع نه ڪري سگهندا آهن!!

تون هتي مون وٽ آهين، تہ سڀ ڪجهہ آهي. پر سڄي حياتي بہ تہ تون ۽ مان نٿا وبهي سگهون، هڪ ٻئي هنڌ. ڪجهہ دير کان پوءِ تون هلي ويندينءَ. يا ٿي سگهي ٿو تہ مان ئي هليو وڃان. تون ۽ مان ــ ٻنهي مان هڪ کي وڃڻو آهي. ڪو ئي ڪيڏانهن وڃي ٿو ۽ ڪوئي خبر ناهي ڪيڏانهن؟ ڪنهن جي بہ منزل جي ڪائي ڄاڻ ناهي. پر هتان، اسان ٻنهي مان هڪ کي وڃڻو پوندو. وڃڻ کان اڳ ۾ تو ۽ مان اڃا تہ ڪجهہ ڳالهايو بہ ڪونہ. مان تنهنجو آواز ٻڌي نٿو سگهان. تيز هلندڙ شام جون هي هوائون، اسان کي اسان جن آوازن سان گڏ گم ڪري ڇڏينديون. پاڻ گهڻو ڪجهہ ڳالهائڻ چاهيون ٿا. ۽ اڃا تہ گهڻو ڪجهہ ڳالهائڻو آهي. اڃا تہ سيان جا ساڀيا ٿيندڙ سپنا بہ ڪونہ ڏٺاسين. انهن اکين، جن اکين ۾ جوت جلندڙ آهي آسيدن جي ــ ۽ ستارا ڪيترائي ٽيم ٽيم ڪن پيا. جوت جلندڙ نيڻ پورجي نٿا سگهن. پر وڃڻو تہ ضرور آهي، ڪنهن نہ ڪنهن کي. ٻاهر هين سنسان ٻيهرن جو، جڏهن لُڪَ لڳي پئي ۽ اُس تيز آهي. ڪوئي پنڌ ۾ ٻڙ جو گهاٽو وڻ بہ تہ ڪونهي. ڇانوَ ڪٿي بہ ناهي. ۽ سون جيڪو پنڌ ۾ نيم جو ٻوٽو هنيو آهي، اُن جي ڇانوَ ٿيڻ ۾ تہ اڃا الائي ڪيترو عرصو لڳندو. تنهنجي ۽ منهنجي تہ ملاقات ئي مختصر آهي. وقت فقط هڪ ئي ڀيرو ملاقات ڪرائيندو آهي. پوءِ تہ فقط اتفاقي حادثن تي سڄي ڳالهہ ٻڌل آهي. ۽ هلي هلي بہ تہ هرڪولي ٿڪجي پيو آهي (جهڙيءَ طرح باز يا ڳِرڙ ٻڪي آڪاس ۾ هيڏانهن هوڏانهن آڏامي ٿڪجي، ڌرتيءَ تي آرام ڪرڻ لاءِ ٽڪڙو ٽڪڙو موٽندو آهي. تهڙيءَ طرح هي ماڻهو بہ هن سشوڀتي استان لاءِ ڊوڙي ٿو. سشوڀتي استان ۾ هي ماڻهو ڪنهن بہ پيار ي پدارٿ جي ملڻ لاءِ خواهش نٿو رکي. نڪي ڪوئي سپنو ڏسي ٿو. سشوڀتي استان، هين ماڻهوءَ جو سريشٽ استان آهي!!) ۽ هن ڪوچ تي ويٺا آهيون اٺين ئي. انتظار خبر ناهي ڪهڙي چيز جو آهي. پر ڇا تو اهو سڀ ڪجهہ سنڀالي بہ رکيو آهي. منهنجا تہ سوين روپ آهن. ٻاهر ۽ اندر جو روپ تہ ڏٺل آهي. جهڙيءَ طرح هڪ گهاٽي وڻ ۾ ڪئين شاخون ٿين ٿيون، اهڙيءَ ريت انسان جي اندر ۾ بہ ڪئين شاخون آهن. ۽ ڪوئي ڪنهن کي سڃاڻي بہ نٿو. تون ۽ مان هڪ ٻئي کي سڃاڻندي بہ نٿا سڃاڻون. ڪجهہ دير کان پوءِ تون ۽ مان ڪافي پيئنداسين. تون ۽ مان ڪافي پيئڻ چاهيون ٿا. ۽ مان ڪافيءَ سان گڏ سگار بہ ڇڪڻ چاهيان ٿو. مون کي اها بہ ڄاڻ آهي تہ تو مون کي سگار ڇڪڻ کان روڪيو بہ آهي. پر مان سگار ضرور ڇڪڻ چاهيان ٿو. ڪير ڄاڻي تہ ڪٿي اها جدائيءَ جي مهل نہ اچي وڃي. تون ۽ مان هر دؤر ۾ جڏهن بہ ملڻ چاهيندا آهيون، تہ ديوار کڙي ٿي ويندي آهي. جدائيءَ ۽ انتظار جون اوچيون ديوارون کڙيون ٿي ويون تہ پوءِ ڪوئي ڪجهہ بہ نٿو ڪري سگهي. تون ۽ مان آهيون تہ انتظار ۽ جدائيءَ جون ديوارون رستا روڪي بيهي رهنديون. انتظار ۽ جدائيءَ جي ديوارن سان سر ٽڪرائڻ ۾ هڪ سيٽسفيڪشن آهي. هر چيز لاءِ ضروري آهي. ڪير ڄاڻي تہ ڪڏهن ڪنهن اڳئين جنم ۾ بہ ائين ٿيندو آيو هجي، جيئن اڄ آهي. اڳ بہ ائين ٿيو آهي، ۽ ٿيندو آيو آهي! ڄاڻ ڪنهن کي ڪونهي. ڪوئي

ڪيستائين ائين جلندو رهندو، الائي ڪيتري عرصي تائين. پرھ تہ دور گھڻي دور آهي شايد.
۽ ڪير ڄاڻي تہ ڪڏهن ۽ ڪٿي ملڻا هئاسين، جدا ٿيڻ لاءِ!! تون شايد آداس آهين ۽ آداس تہ
مان بہ آهيان... تون وڇڙي پيو. وڇڻ توکي نہ ڪپي. تون بہ وڇڙي پئي. تون ۽ مان ٻئي
آداس آهيون. ڪنهن جي وڇڻ سان ڪوئي فرق بہ تہ نٿو پوي. پر خال بہ نٿو پُرجي سگھي.
دور گھڻو دور وڃان پيو. آءٌ وڃان پيو. جدائيءَ جون ديوارون اوچيون گھڻيون اوچيون آهن،
ڪنهن اوچي وڻ جيان. اوچي وڻ جي هُن پار ٻڇاڙيءَ جي تاريخن جو زرد چنڊ ڪِرڻيل آهي.
زرد تہ هر چيز آهي. آڏامندڙ زرد مِٽيءَ جو ڪوئي ڪُن آهي. ڦري رهي آهي هر چيز.
منهنجي من ۾ بہ آڏامي رهي آهي زرد مِٽي. ڪالي داس تہ الائي ڪڏهن لکيو هو. ۽ ڪير
ڄاڻي تہ سڀ ڪجهہ آهي الائي ڇا. مٽيءَ جي گاڏي(1)، لکڻ کان اڳ هُن الائي ڇا سوچيو هوندو؟
سوچيو تہ گھڻو ڪجهہ مون بہ هو. پر مون پنهنجو ناٽڪ اڳي ئي لکي ورتو هو. انت، ناٽڪ جو
لکڻ کان اڳ ۾ ڪجهہ بہ نہ سوچيو هيم. مان پنهنجي ناٽڪ جو نائڪ آهيان. پر آڪاس ۾ زرد
چنڊ اڪيلو ڪِرڻيل آهي. ۽ منهنجو گھر بہ تہ ڪيترو نہ دور آهي. پر تون ڪيڏانهن هليو وئين.
اڃا تہ صبح بہ ڪونہ ٿيو آهي. پرھ ڦٽيءَ ۾ تہ اڃا الائي ڪيترو وقت آهي. ۽ وقت جا فاصلا
ڏکيا گھڻا ڏکيا آهن. فاصلا تہ گھڻائي آهن. ڪير اوراڻگھي سگھندو، انهن اونداهين صدين جي
ڦهليل فاصلن کي. جيڪي هن نيري ۽ وشال آڪاس جيان، جنهن ۾ اڃا اڃا ڀڪي الائي ڪيڏانهن
آڏامي وڃي رهيا آهن. فاصلا، زندگيءَ ۽ موت جا. فاصلا تہ وڌي ويا. ديوارون انتظار ۽
جدائيءَ جون ــ ۽ تون، مان تہ اڃا ڪافي بہ نہ پي سگھياسين ۽ نہ ئي مان ڪوئي سگار
چڪي سگھيس!!

Hello, Sir. -

- هان...؟؟

- ڪهڙا حال آهن؟

- ......؟...؟...؟

- اڪيلائي اڪيلا وينا آهيو؟

- اڪيلو...؟ اڪيلو تہ شايد هاڻ ٿيو آهيان!

ڪنهن جي اچڻ سان اڪيلي هئڻ جو احساس ٿئي ٿو. اڪيلائيءَ ۾ تہ خود اڪيلائي گڏ
هوندي آهي. ۽ مون ۾ اڃا شايد ايتري همت ڪانہ آئي آهي، جو توهان کي چئي سگھان تہ
هليا وڃو هتان. ڇو ٿا اچو ڪنهن وٽ؟

- توهان شايد سڃاتو ڪونہ مون کي؟

- سڃاڻڻ يا نہ سڃاڻڻ سان ڪوئي فرق بہ پوي ٿو ڇا؟

- سڃاڻڻ سان ڪوئي فرق پوي ٿو، تڏهن تہ مان چوان ٿو!

---

(1) مٽيءَ جي گاڏي، شدرڪ جو لکيل ناٽڪ.

گذريو وڃن. ڪوئي اداس چھرو جھاتي ضرور پائيندو. ڪي انسان اھڙا بہ آھن، جيڪي جنم وٺڻ سان ئي اداسي کڻيو اچن. اداسي تہ وڻ ويڙھيءَ وانگر وڪوڙيو بيٺي آھي. من پنھنجو وس ۾ بہ تہ ناھي. ۽ پوءِ بہ تون چوين ٿو تہ زندگيءَ ۾ اميد ضرور آھي. مايوسي غلط آھي. غلط ھوندي ۽ تي سگھي ٿو تہ سيڪجھہ غلط ھجي! ڪنھن جي غلطيءَ جي ڪير سزا ڀوڳي رھيو آھي؟ پر ڇپر بہ تہ ڪوئي ڇڏي نہ ويندو آھي. ۽ لڙڪون بہ تہ ڏاڍيون ڪوسيون لڳن پيون. ٻاھر ڪوئي نڪري نٿو سگھي — ۽ ان کي بہ تہ مدت گذري تہ ھوءَ مري چڪي آھي. ڊائيسيڪشن ھال ۾ وڍڪٽ ٿيندڙ لاش بہ الائي ڪنھن جو آھي؟ لاش تہ الائي ڪيترائي آھن، ۽ گمنام آھن. زندگي ھئي تہ حسرتون بہ ھيون. اميدون ھيون. ڪنھن جو انتظار ھو. ڏک سھڻ جي سگھہ ھئي. ۽ ايتريون خواھشون ھيون. پر اھو سيڪجھہ ٿي نہ سگھيو. وقت ائين ضايع ٿي وڃي ٿو. ۽ سامھون ھوءَ گمنام ۽ ڊھندڙ قبر بہ تہ الائي ڪنھن جي آھي. سُنسان لُڪ لڳندڙ ڏينھن ۾، ٻنا ڪنھن ڇانوَ جي قبر. سامھون رولاڪ ڪُتا. رستن تي ڏاسر پڳھرجندڙ. مرڻ کان پوءِ ڪوئي پوئو نم جو ضرور ھجي ڇانوَ لاءِ. ۽ ويراني آھي. ڪڏھن ۽ ڪٿي زندگي بہ ساٿ ڇڏي ويندي، ۽ وقت تو ۽ مون جيان ڪوئي وفادار بہ تہ ناھي. تڏھن تہ ڪٿي ۽ الائي ڪيئن توکي اھو سيڪجھہ لکي ڏنو ھيم. ماگھہ جي سرد ھوائن ۾ پيلا پنا سڙي رک ٿي ويندا. ڪائي پراسرار بيماري وڪوڙي ويئي آھي ھرچيز کي- پر مري وڃڻ توکي نہ کپندو ھو. ۽ مون کي تہ اھا ڄاڻ پوءِ پئي آھي. احساس ٽڪجڻ جو گھرو آھي. پوءِ بہ ھلندا ھلو، ۽ ھلندا ھلو. احساس خوفناڪ چيز آھي. پوءِ اداس ٿي ٿا وڃون. ۽ گم ٿا ٿي وڃون. انت ھرچيز کي آھي. اڄا ھاڻ تہ ھتان ڪوئي گذري ويو آھي. لفظ اسان پڪيڙي ڇڏيا آھن. تمام وسامي ويل آوازن جي انبار ۾ ڪوئي ڪنھن جي آواز کي ڳولي؟ ھرشام ٻاڇي جيان اسان سان گڏ آھي. تون ۽ مان بہ تہ ٻاڇا ھٿاسين ھڪبئي جا. انتظار ٽيليفون جي گھنٽيءَ جو آھي. تنھنجو ۽ منھنجو گھر. گڏيل گھر جي خواھش بہ تہ ڪٿي ھئيسين. پر ٽيليفون جي گھنٽي وڄندي تہ سڀ ڪم رُڪجي ويندا. آواز اڃا بہ ڪنن ۾ اچن پيا. ايندا رھن ٿا گم ٿيل آواز. ھوائون بہ تہ ڪيڏيون نہ بيرحم آھن. ھوا اسان جا آواز جھٽي وٺندي آھي. اڏامندڙ آوازن جي ضرورت ھوندي آھي ايندڙ وقت لاءِ. ۽ آرسي بہ تہ ڪڏھن دوکو نہ ڏيندي آھي. ھرچھري ۾ سمايل آھن ڪيترا راز. پريان ڪان ڪٿان ايندڙ آواز الائي ڪنھن جا آھن. ۽ ھاڻ تہ تيز ھلندڙ ھوائون بہ ڪو وقت ٿيو تہ خاموش ٿي ويون آھن. زرد ۽ بيمار زندگي. ڇا تون مون سان سچي حياتي ساٿ ڏيندين؟ اھي گھٽيون ۽ گھر سدائين مون کي پاڻ ڏانھن ڇڪيندا آھن تہ اھڙي پنڌ ۾ جتي ڪوئي ڪنھن سان گڏ ڪونھي. ۽ رات ڪيڏي نہ سرد ۽ ويران آھي! اونداھي آڪاس ۾ ڪٿئون ڇمڪي رھي آھي ۽ ڪارن ڪڪرن جي گوڙ جو ھيبتناڪ آواز. روح قائم آھن، ۽ جسم فاني آھن!

- رخسانہ! Really I Love You!

هوءَ چپ آهي. ۽ چپ مان بہ آهيان. خاموشي آهي. هوءَ مون سان گڏ هلي رهي آهي رات جي اونداهن رستن تي. رستا، سنسان اڪيلا ۽ ويران آهن. سرنهن جي وڻن سان مٺرم مٺرم سڳنڌ ڦهليل آهي دور دور تائين. اسان جن قدمن هيٺان آهن وڻن جا ڇڻيل سنهري گُل. ۽ لڙ جي وڻن مان ٻُور ڇڻي رهيو آهي. پر هي سڀ ڪيڏانهن هليا ويا؟ ڪيڏانهن هليا ويا سڀ؟ ڀر هن جو هٿ تہ منهنجي هٿ ۾ آهي. منهنجي جسم ۾ ڄڻ بجلي ڊوڙي رهي آهي. مان سڙي رهيو آهيان، ۽......؟

- تون، مون سان شادي ڪندينءَ؟

- شادي؟ مان توهان سان شادي ڪريان. پر ڇا اهو سڀڪجهہ تي سگهندو؟

- ٿي سڀڪجهہ سگهندو آهي. ۽ جيڪي نہ ٿي سگهندو آهي. اهو بہ ٿي ويندو آهي سڀڪجهہ. تون مان سان شادي ڪر. زندگي فقط ڪڏهن ڪڏهن ملائيندي آهي اسان کي! هڪ ٻيرو ملندا آيا آهيون، جدا ٿيڻ لاءِ....

- منهنجا مائٽ توهان کي سگ ڪوڙ ڏيندا، ۽ مجبور آهيان مان!

You can not love me, much as you would like, you are unhappily in love with your love for me, but your love for me is not in love with you!! (1)

- پر هي سڀ ڪيڏانهن هليا ويا؟ ڪيڏانهن ٿا هليا وڃن سڀ آخر؟

- مدت گذري تہ هو سڀ اسان کي ڇڏي هليا ويا. جدا ٿي ويا سڀ اسان کان!

جيڪي گم ٿي ويا. اهي ڪڏهن بہ نہ ليڄندا. جيڪي جدا ٿي ويا اهي وري ڪڏهن بہ نہ ملندا. ٻنرملن زندگيءَ ۾ ٿيندو ئي ڪونہ آهي. پر تون جدا ٿيڻ کان اڳ ۾ ئي مري چڪو وينءَ... ارملا. پر جي تون ۽ مان ۽ هوءَ جم ۽ موت جو فلسفو سمجهي وڃون ها، تہ ائين نہ ٿئي ها، پر آءٌ تہ ڪنهن کي بہ مارڻ نٿو چاهيان!!

- ؟...؟...؟

- ؟...؟...؟

- مان منتظر هيس، صدين کان وٺي تنهنجو. ۽ اصل ۾ تون آهين. مون کي نہ فقط پنهنجي ذات جي خبر آهي. ۽ جيڪي ڪجهہ خبر آهي، ان جي بہ ڪائي خبر ڪانهي. فقط جدائي آهي. هر جنم ۾ ۽ هر سال ۾ تون ملندي آهين. پر ڪير بہ اچي ها تہ مان منتظر هجان ها. انتظار رهندو آهي، ڪنهن نہ ڪنهن جو. ۽ زندگي بہ تہ ڪيڏي نہ بي معنيٰ آهي ڪنهن جي انتظار کان سواءِ!!

---

(1) FRANZ KAFKA.

سحر امداد

# پُنر جنم

اڄڪلهہ هو گهر وڃي ٿي اٿو. ڪهڙن ڪهڙن دوستن سان-- الائي ڪٿي پيو رُلي!

پنهنجي مُنهن ڳائيندو-- جهولڪاريندو-- آڌيءَ مانجهيءَ-- لَشن ۾ آلوت ٿاڪ نہ ڪو ٿو ٿانءُ.

هن متعلق روز ڪا نہ ڪا خبر آهيئي آهي:

آڌ ڪناري ڊٺو پيو هو--
ڪپ ۾ پُڏائو پيو هو--
وات تي ايهي گاريون پئي ڏنائين--
الائي ڪنهن کي-- نہ ڇڏيائين پيءُ نہ ماءُ--
پٿر ٽڪيندڙ مزور کي آمن ۽ جنگ تي پئي ليڪچر ڏنائين--
واريءَ ۾ پيَيُوت--
توائيي--
الائي ڇا وِڦلندو--
ڪاڙهي تتي ۾ پند--
الائي ڪيڏانهن پئي ويو--
فلاڻا تنگ ٿي پيا: تہ پين فلاڻن وٽ--
اهو سلسلو هلي پيو، ۽ الائي ڪيستائين هلندو!

"... تيستائين جيستائين اندر جي سڪهہ مُئي لاهي ... Hey! come on lets enjoy the life.-- هايا هڪڙو وَزم ٿي وڃي!"

ماچيس جي تيليءَ تي چرس جو روڙو آنڪائي، تيلي ڏيکاريائين ۽ سڄي وايومنڊل ۾ چَرس جي چيتي ٻُوء ڦهلجي وئي. هڪ ڊگهو ساهه کڻي ان ٻُوء کي پنهنجي اندر اوتهاين تائين چيڪي ٿو وجي:

”سچ دلبر، عورت جي ديهه جي ٻُوء به اهڙي چيتي ناهي.
پر— بارود جي ٻُوء
مون کي بارود جي ٻُوء کان نفرت آهي.“
مون کي نفرت آهي، هر ان فعل کان جيڪو مڙهيل آهي — هٺراڊو آهي — آ سياويڪ آهي.

سَياويڪ آ سياويڪ
سُندر آ سندر
اهو فيصلو ڪرڻ وارا اسين ڪير آهيون؟

لفظ بي معنا آهن!

پر پنهنجي مطلب لاءِ اسين هر لفظ کي سوين معنائون ڏيئي سگهون ٿا ۽ ڪيترن ئي معنائن کان ڦيري سگهون ٿا. پنهنجو پاڻ کي Justify ڪرڻ لاءِ ڪنهن به جاکوڙ جي ضرورت ناهي. نظريہ ضرورت تحت اسان کي سوين هزارين لفظ ملي ويندا.

لفظ سنگهر آهن
لفظ پنڌڻ آهن
پيچي چڙيو اهي سنگهر
ٽوڙي چڙيو اهي پنڌڻ
لفظن جي انهن گهيرن کي ٽوڙڻ ئي سُڪتي آهي.

گول دائرن ۾ گهلجندي مرڻ کان: لَڪ ميڙ ۾ هلندي — ٽڙلدي ٽاپڙجندي پائيندي وجائيندي — دور پهاڙن تي — جهنگلن ۾ — سمولڊ جي ڪنارن تي — مرڻ وڏيڪ پيارو آهي: سُندر آهي: ڪيڏي سَرلتا آهي، اهڙي موت ۾ به.

# انجم افشان هاليپوٽو
(تاثر)

## امڙ ايلسا قاضي

امڙ ايلسا سان جندڙيءَ جو ٿورڙوئي عرصو گذريو: اهو به ننڍپڻ وارو زمانو. انهن املهه گهڙين جا چِٽ اڄ به ذهن تي چٽيا پيا آهن. سندن گهر جو نقشو ڪجهه هن ريت آهي. گيٽ ٽپڻ سان، باغ ۾ پير پائبو هو ۽ پوءِ کليل ايراضي هوندي هئي، وچ ۾ پراڻي طرز جو بنگلو هو. بنگلي ۾ داخل ٿيڻ لاءِ ڌار ڌار ڏسن ۾ ڪجهه دروازا هئا، پر گهڻو ڪري مکيه دروازي (main gate) جي سامهون ڪجهه ترڇائيءَ تي جيڪو دروازو هو، اهوئي ڪتب ايندو هو- جافرين لڳل ورانڊو ٽپي، ڊرائينگ روم يا ڪانفرنس روم ۾ پير ڌربو هو: جتي علامه سائينءَ سان ڪچهريون ٿينديون هيون ۽ حق جا طالب، چنڊ جي چوڌاري تارن والگر ميڙاڪو ڪيو ويٺا هوندا هئا- ۽ علامه صاحب جن علم جي سمنڊ جيان پيا ڇلندا هئا.

ان ڪمري جي پر ۾ وڏو ڪمرو هو، جنهن کي هال چوڻ وڌيڪ ٺيڪ ٿيندو، اتي امڙ ايلسا ويٺي هوندي هئي. جنهن کي به سائن ملڻو هوندو هو، اهو انهيءَ هال ۾ هليو ويندو هو. اهو ڪمرو هڪئي وقت، ڊرائنگ روم، اسٽڊي روم ۽ لائيبرريءَ جو ڏيک پيو ڏيندو هو. ڪانفرنس روم جي دروازي وٽ بيهي، ان هال تي نهار وجهان ٿي تہ، منهنجي ذهن تي ڪجهه ان قسم جو چٽ ٿو چٽجي: ڪابي پاسي تي، چمنيءَ مٿان هڪ وڏي تصوير ٽنگيل آهي، اها تصوير مدر جي پينٽ ڪيل آهي، ڪنهن عورت جو پورٽريٽ آهي، جيڪا هٿ ۾ صوف جهليو ويٺي آهي... ڪٻٽ رکيل آهن، جن ۾ ڪتاب ڍير ٿيا پيا آهن، پر اهي ڍلگ سان سٿيل آهن. لائبرريءَ وانگر... ميز پيل آهي، جنهن تي ڪتاب هڪٻئي مٿان سٿيل آهن ۽ ائين ٿو لڳي، ڄڻ تہ ڪو پڙهندي پڙهندي هاڻ ئي اٿي ويو آهي ڪنهن ڪم سانگي ۽ جاڻ موٽي اچي پنهنجي جاءِ والاريندو ۽ کُليل اونڌي ڪتاب کي کڻي پيهر پڙهڻ ۾ جنبي ويندو- وري ڪٻٽن ۽ ڪتابن جو سلسلو آهي، پوءِ چٽر ۽ پورٽريٽ ٽنگيل آهن. هڪ چٽر اسٽئنڊ تي رکيل آهي. اهي سمورا چٽر ايڏا تہ سندر ۽ جاڳندا ٿا پاسن، جو ڄڻ تہ اکيون ڇنيي، چپ چورڻ لڳندا ۽ جنهن عورت جي هٿ ۾ صوف آهي، سا صوف وارو هٿ مون ڏانهن وڌائي چوندي: 'نينگري، اچي صوف کاءُ!' انهن تصويرن کي ڏسي، سوچي بہ نہ سگهندي هيس، تہ اهي بہ ڪنهن آرٽسٽ جي هٿ جو ڪرشمو آهن! ڇا ائين نٿو ٿي سگهي تہ،

”اي آهي ڇا! جيڪو تيڪو ڏس، تہ ڇانهہ ڇانهہ ٿيو ڪهُري. ننڍڙا هوندا هئاسون، ٽپ ٽاءُ ٿيندو هو، تہ اسان آپ ڏيندي هئي، هينئر ڏس، تہ هرڪو ٻريان ٽپيو پيو اچي. ڪاڙهي لاءِ راڙوراڙ لڳي پئي اٿن.“

شنگهور جي ڳالهہ ٻڌي سيني کلي ڏنو، پر ڳالهہ سيني کي دل سان لڳي.

هڪ ڀيري شهر جو قاضي گذاري ويو. ماڻهو سندس ڪٽنب سان عذرخواهيءَ لاءِ پئي ويا. ايندي ويندي ڪيترا ماڻهو، جن سان شنگهور منهن ۾ ڪڏبو هو، سي ڪيس ڇوريندا هئا:

”اڙي شنگهورا! تو مان اڪين جو ديد صفا نڪري ويو آهي. قاضي مرحوم جي پٽ سان هلي عذرخواهي ڪري اچ، دل ۾ ڇا چوندو؟“

”اڙي شنگهورا! اهڙو بي مهابو ڪڏهن ڪان ٿئين! قاضي مرحوم تہ ڪلمڪ ۾ ياروِيس هو. توسان تہ سدائين ڪيڪربازي هوندي هيس.“

”ڀلي ڇئو سچ ٿا، پر مون کي سمجهايو تہ سهي، تہ عذرخواهيءَ مهل ڇئبو ڇا آهي؟“

”ڇئبو وري ڇا، قاضي لنڊي کي رڳو ائين ڇئبو، تہ سائين الله بي پرواهہ بادشاهہ آهي، صبر ڪالسواءِ ٻي واٽ ناهي.“

شنگهور نيٺ عذرخواهيءَ لاءِ اچي پٽر تي وينو، جتي ڪافي ماڻهو اڳيئي ويٺا هئا. هو قاضي صاحب ڏانهن منهن ڪري چوڻ لڳو ”پٽهين بي پرواهہ بادشاهہ هو، پر رب پاڪ بہ ڏاڍو آ، ادا هاڻي صبر ڪبو.“ شنگهور جا ٻول ٻڌي، ماڻهن کِل روڪڻ لاءِ چپ ڪٽي ڀڪوڙيا. قاضي مرحوم جي فرزند بہ ڇپن ۾ مشڪي ڏنو. ايتري ۾ تڏي تي ويٺلن مان هڪ همراهہ ڳالهہ بدلائڻ لاءِ چيو:

”ڪجهہ ڏينهن ٿيا تہ مرحوم قاضي صاحب سائس ڪڏجائيءَ وقت چڱو ڀلو هو...“

اڃا هن ايترو مس ڪڇيو تہ شنگهور جنو وچ ۾ ويٺو هو، تنهن هڪدم چيو تہ: ”هائو سائين برابر، چوين سچ ٿو، اڃا ٽي-چار ڏهاڙا اڳ ۾ بازار ۾ ڏٺومانس، تہ ٻارن سان ڪشتيءَ لايو بيٺو هو.“ بس، شنگهور جو ايترو چوڻ ۽ ويٺل ڪل ۾ ڇٽڪي پيا. قاضي ننڍي بہ ڪٽي وات تي رومال ڏنو.

محرم شريف جو مهينو هو، گهڻن ماڻهن ڪارا ڪپڙا ڪيا. شنگهور ويچارو هوڻ هر سال ڪارا ڪپڙا ڪندو هو، پر هن ان سال محرم جي ڏهين تاريخ ٿي وئي، پر هن سياهہ پوشي ڪانہ ڪئي — ڪارو لباس ڪونہ هوس، ڏوڪڙ ڪونہ هوس تہ رڱائي، يا تہ وري پورهئي ڪان فرصت ڪانہ هيس. ان تي ڪنهن سنگت واري ٽوڪ طور چيس: ”شنگهور، واهہ جو مومن آهين! عاشوري جا ڪارا ڪپڙا بہ ڪونہ ڪيا اٿئي!“ شنگهور ڏاڍي سادگيءَ سان ورائيو ”ادا چڱو، تو تہ ڍڪيا آهن، تون ڀلي ڍڪ، اسان جي امام دل ڪاري ڪري ڇڏي آهي. تون ظاهر جو مومن آهين، آءٌ اندر جو مومن آهيان. جي دل ڪاري هجي، پر ڪپڙا ڪارا نہ ٿيا تہ ڀؤ ڪونهي.“ ماڻهو جي اتي ويٺل هئا، تن ۾ ٽهڪڙو مچي ويو ۽ چيائونس تہ:

’جيڪڏهن ڳوٺ ويجهو آهي تہ پوءِ هڪدم هلو.‘ پادريءَ جوشيلي انداز ۾ ورائيو. هو ٻن گڏهن ڏانهن وڌيو ۽ ماڻهو هن جي پٺيان لڳا. هڪڙي گڏهہ تي پادري چڙهي ويٺو تہ ٻئي گڏهہ تي مائيءَ جو مڙس. اهڙيءَ ريت اهو ننڍڙو قافلو تيزيءَ سان پنهنجيءَ منزل ڏانهن روانو ٿي ويو.

هو ڪلاڪن جا ڪلاڪ هلندا رهيا ۽ پادري هر هر ٻئي پڇيو تہ ڪيتري هلڻو آهي. ٻہ ماڻهو گڏهن تي چهبڪن جا وسڪارا ڪندا، چوندا رهيا تہ ’چاڻ تہ پهتاسون.‘ تان جو پهر اچي ٿيا ۽ پري کان ڳوٺ نظر آيو. ڳوٺ تائين ايندي ايندي ماڻهن ۽ ڪتن جا ميڙا ٿي ويا ۽ ماڻهن جي گوڙ ۽ ڪتن جي ڀاهوڙ ۾ پادري ڳوٺ جي هڪڙي ڪليل مَنهہ ۾ اچي لٿو. ڳوٺاڻا پادريءَ کي هڪ وڏي لانديءَ ۾ وٺي ويا، جتي هڪڙي مائي سَنهين سَنهين ٿـي کٽ تي ويٺي هئي. مائيءَ جون اکيون ڇت ۾ کُتل هيون. پادريءَ هن کي سڏ ڪيو، پر هن ڪوبہ جواب ڪونہ ڏنو، ڇاڪاڻ تہ هن جو تہ ساهہ پئي نڪتو. انهيءَ تي پادري دعائون پڙهڻ لڳو. هن جيئن ئي دعا پڙهي پوري ڪئي تہ مائيءَ هڪ وڏو ساهہ کنيو ۽ سڏڪا ڀـري روئڻ لڳي. پادريءَ کي پڪ ٿي تہ مائيءَ جا پويان پساهہ آهن ۽ اجهو ٿو ساهہ نڪريس.

پر مائيءَ پنهنجا پنبڻ چنپيندي اکيون کوليون ۽ ڪنڌ هيڏانهن هوڏانهن ڦيرائيندي پڇيو:

’آءٌ ڪٿي آهيان؟‘

’تون پنهنجي گهر ۾ آهين.‘ پادريءَ حيرت وچان جواب ڏنو.

’مون کي ٿورو پاڻي تہ پياريو.‘

’وارو ڪري پاڻيءَ جو گلاس ڀـري اچو.‘ مائيءَ جي چوڌاري ويٺل مٿن مائٽن رڙيون ڪيون. ’اڙي وارو ڪري دِلوئي ڪڻي اچو.‘

ڪيترا ئي ماڻهو هڪ ٻئي پٺيان ڊوڙي ويا ۽ جهٽ ۾ پاڻيءَ جو هڪ ڪوزو کڻي آيا. مائيءَ پاڻي ٻہ ڍؤ ڪيو ۽ هڪ اوڳرائي ڏيندي چيو:

’ڪو مانيءَ ڳيو بہ آهي يا نہ؟ مون کي ڏاڍي بُک لڳي آهي!‘

اهو ٻڌي وري سڀئي هيڏانهن هوڏانهن ڀڄڻا ۽ مائيءَ جي اڳيان ڪاڏي جو ڍير گڏ ٿي ويو. مائي بہ وٺي کائيندي ۽ ڏسندي ئي ڏسندي سڀئي ڪاڏو کائي وئي. پوءِ هوءَ ڪٽ تان اٿي ۽ هڪ صحتمند ۽ تندرست عورت وانگر پسار ڪرڻ لڳي. اهو ڏسي ماڻهو ادب ۽ تعظيم وچان پادريءَ جي پيرن تي ڪـري پيا ۽ هن جا هٿ پير چمي، وڏي واڪ چوڻ لڳا تہ، ”سائين، تون تہ ڪو ولي ٿو ڏسجين! تنهنجين دعائن هن گهر کي روشن ڪيو آهي ۽ مُئل عورت کي جياريو آهي. تنهنجي الهن مهربانين ۽ نوازشن جا ٿورا اسين ڪئن مڃون؟“

”مون تہ ڪجهہ بہ ڪونہ ڪيو آهي، جنهن لاءِ اوهان کي منهنجا ٿـورا مڃڻا پون يـا مـون کـي ڪو انعام ڏيڻو پـوي.“ پـادريءَ ورائيو، جيڪو ان واقعي ڪري اڃا تائين حيران ويٺو هو. ”اهي تہ الله تعاليٰ جا احسان آهن.“

”اوهان جيڪي وڏيوَ سو چئو.“ گهر جي مالڪ چيو. ”ﭘر اي خدا جا ولي، اها تہ هڪ ڪرامت هئي، جيڪا خدا تعاليٰ اوهان جي هٿان ڪرائي آهي. اوهان هن غريب جهوپڙيءَ مان ويل خوشين ڪي موٽايو آهي، جنهن ڪري اسان جي وڏي عزت ۽ سان ٿيو آهي. هاڻي مهرباني ڪري اسان غريبن کي حال سارو پنهنجي خدمت ڪرڻ جو موقعو ڏيو.“

گهر جي مالڪ هڪدم هڪ کُلاصي لانڊيءَ ۾ پنهنجي مهمان جي رهڻ جو انتظام ڪرايو. ان ڪانپوءِ پادري جڏهن بہ واپس وڃڻ جي اجازت ﭬي گهري تہ گهر جي مالڪ پيرن فقيرن جا قسم سُنهن کڻي ٿي چيو، تہ جيستائين تي ڏينهن پورا نہ ٿيا آهن، تيستائين آءٌ پنهنجي ماناٿي مهمان کي واپس وڃڻ جي اجازت هرگز نہ ڏيندس. ڀلا اهو ٿي سگهي ٿو تہ جنهن شخص منهنجي گهر واريءَ کي موت جي مُنهن مان بچايو آهي، تنهن کي گهٽ ۾ گهٽ ٽن ڏينهن جي خدمت چاڪري ڪرڻ ڪانسواءِ ڇڏي ڏيان! پادري لاچار رهي پيو ۽ گهر جي مالڪ ٽن ڏينهن ۾ هن جي ڏاڍي خدمت چاڪري ڪئي. مهمانيءَ جو وقت پورو ٿيو تہ مالڪ سواريءَ جو بندوبست ڪيو ۽ مهمان کي گهر ۾ پچايل نانَ، ڪڪڙيون ۽ ڪاڏي جون پيون شيون سوکڙي ڪري ڏنيون ۽ ديول جي نذراني لاءِ سؤ روپئي جو نوٽ هن جي هٿ تي رکيو. پوءِ گهر مان ٻاهر اچي، پادريءَ گڏهہ تي لانگ مس ورائي ئي چڙهيو تہ هڪڙو ماڻهو ڪنگهندو سهڪندو آيو ۽ پادريءَ جي پيرن تي ڪِري پيو.

”بابا، تنهنجي ڪرامت جون ڳالهيون سيني ڳوٺن ۾ پکڙجي ويون آهن. منهنجو چاچو مرڻينگهہ حالت ۾ پيو آهي. آءٌ هن جي پنهنجي پيءُ کان بہ وڌيڪ عزت ڪريان ٿو. هن جي آخري خواهش آهي تہ مرڻ کان اڳ اوهان هن کي دعا ڪريو. مهرباني ڪري هن جي اها خواهش پوري ڪريو.“

”پر ٻچا، آءٌ تہ هاڻي پنهنجي گهر ٿو وڃان.“ پادريءَ بي يقينيءَ وچان ورائيو.

”سائين، هن ڪم ۾ اوهان کي دير ڪهڙي لڳندي. آءٌ اوهان کي ايستائين ڪونہ ڇڏيندس، جيستائين اوهين مون سان گڏجي منهنجي چاچي وٽ نہ هليا آهيو.“ ائين چئي اهو شخص گڏهہ جو لغام جهلي اڳتي وڌيو.

”پر تنهنجو چاچو رهي ڪٿي ٿو؟“ پادريءَ پڇيو.

”سائين، سڏ پند تي گهر آهي، اجهو ٿا پهچون.“

پادريءَ لاچار ڪٿي مات ڪئي. هڪ ڪلاڪ هلڻ کان پوءِ نيٺ پئي ڳوٺ ۾ اچي پهتا. اتي بہ ساڳي لانڊي نظر آئي، جنهن ۾ هڪڙو شخص مرڻينگهہ حالت ۾ کٽ تي پيو هو ۽ هن جا مائٽ هن جي چوڌاري ﭬڌتر ۾ بيٺا هئا. پادري هن جي ويجهو ويو ۽ هٿ کڻي دعا پڙهي مس پوري ڪئي تہ اتي بہ معجزو ٿي ويو. اهو شخص هڪدم اٿي بيٺو ۽ مانيءَ ۽ پاڻيءَ جو

پادري اچرج ۾ پئجي ويو تہ ايتري ۾ هن جا مٽ مائٽ، پيا پادري ۽ وڏا پادري ڪيس وڪوڙي ويا ۽ خوشيءَ وچان لڙڪ پريل اکين سان هن کي ڀاڪر پائڻ لڳا ۽ سندس هٿ چمڻ لڳا. انهن مان هڪڙي شخص پادريءَ کي پنهنجي سيني سان لائي چيو "آخر تون اسان وٽ جيئرو جاڳندو، سلامتيءَ سان پهچي وئين! هن پنهنجو واعدو پاڙيو. تنهنجي لاءِ هنن جيڪي اسان کان بئنڪ جا پئسا ورتا، اهي تنهنجي سِر تان صدقي ٿيا. تون اسان جي لاءِ ڏن دولت کان وڌيڪ قيمتي آهين."

پئسن جو لفظ ٻڌي پادريءَ کان رڙ نڪري وئي: "ڇا جا پئسا؟"

"پئسا جيڪي اسان ان ٽولي کي ڏنا."

"ڪهڙي ٽولي کي؟"

"انهن کي جيڪي توکي زوريءَ وٺي ويا هئا. پهرين تہ هنن ويهہ هزار روپين کان گهٽ جي ڳالهہ ئي نتي ڪئي، ڇو جو هنن جو چوڻ هو تہ تون ڪروڙن کان بہ وڌيڪ قيمتي آهين. نيٺ اسان جي منٿن ۽ خوشامدن ڪانپوءِ هو اڌ رقم وٺڻ تي راضي ٿيا ۽ اسان هنن کي ديول جي چندي جي پئسن مان ڏهہ هزار روپيا بئنڪ جي رقم ڪري ڏني."

"ڏهہ هزار!" پادريءَ کان دانهن نڪري وئي. اوهان منهنجي لاءِ ايڏي وڏي رقم ڏني! هنن اوهان کي چيو هو ڇا تہ مون کي زوريءَ ڀڄايو ويو آهي؟"

"هائو، تنهنجي گم ٿي وڃڻ کان ٻي ڏينهن پوءِ اسان وٽ ٻہ-ٽي ماڻهو آيا ۽ چيائون تہ هڪڙي ڏينهن فجر جو جڏهن تو پنهنجي گهر جي در وٽ پوڪيل ڪجيءَ جي وڻ کي پاڻي پئي ڏنو تہ ڦورن جي هڪ ٽولي توکي زوريءَ پاڻ سان وٺي وئي. هنن قسم کڻي چيو تہ جيڪڏهن هنن کي بئنڪ نہ مليو تہ تنهنجو انت اچي ويندو؛ پر جيڪڏهن اسان هنن کي بئنڪ جي رقم ڏني، تہ توکي باسلامت هت پهچائي ويندا."

پادريءَ انهن لفظن تي غور ڪيو ۽ جيڪي ٿي گذريو هو، ان بابت سوچڻ لڳو.

"دراصل هاڻي ڳالهہ ظاهر ٿي." پادريءَ ائين چيو جڻ تہ پاڻ سان پيو ڳالهائي. "اهو مثل ماڻهو، بيمار ۽ پنگلو، جيڪو منهنجي دعا سان ٽپ ڏئي اٿي پيئو هو! واهہ جي ڪيڏ ڪيڏي هئن!"

پادريءَ جا مٽ مائٽ وري سندس ويجهو آيا ۽ هن جي جسم ۽ ڪپڙن کي ڇڪاسيندي خوشيءَ وچان چوڻ لڳا، "تنهنجي سلامتيءَ کان وڌ پيو ڪجهہ بہ ڪونهي. اسان کي پڪ آهي تہ هنن جي قيد ۾ توکي ڪا تڪليف نہ پهتي هوندي، پر هنن توسان ڇا ڪيو هو؟"

پادري مُنجهي پيو ۽ نهہ پهہ چيائين: "هنن مون کان ڪرامتون ڪرايون — اهڙيون ڪرامتون جيڪي ديول کي ڏاڍيون مهانگيون پيون آهن."

[انگريزي ترجمي "Miracle for Sale" تان ترجمو]

”هي فرانسي شراب عجيب آهي“ سيمولين چيو ”خاص ڪري انهن وڏن وڏن گلاسن ۾ تہ ڏاڍو سهڻو ٿو لڳي. زندگيءَ ۾ پهريون ڀيرو ايڏي آرام سان برانڊي پيتي اٿم. آرلينڊو ۾ تہ اسان کي رُڪ جي ٽڙي ڦاٽي ھوندي آهي، ڪنڌ مٿي ڪري هڪ ئي ڀيرو گلاس ڏوڪڻو ھوندو آهي، تہ متان ھوليس نہ اچي مٿان ڪڙڪي.“

”آءٌ پنهنجي زندگيءَ ۾ پهريو ڀيرو هي فرانسي شراب پي رهيو آهيان“ سيمولين مون کي چيو ”سُڌ اٿئي پهريون گهمرو ڪيئن ۽ ڪاٿي پيتم؟ توکي البستر ڪتاب-گهر جي تہ سُڌ آهي؟ ان ڇتاپيتيءَ کان پوءِ، منهنجي گهڙيل مجسمي کي پنهنجي دڪان ۾ رکڻ جي موڪل ورتائون ۽ ان کي سانڍڻ لاءِ سڄو جارو حوالي ڪيائون ۽ ان کي شفاف ريشمي اڇي ڪپڙي ۾ ويڙهي رکيائون ۽ مٿانهس ان جي شان ۾ ٻہ-چار لفظ بہ لکي چنڊيائون.

ڪن ڪارڻن انهيءَ دريءَ ۾ مجسمي کي چڱيءَ ڀر نٿي ڏسي سگهيس. ٽيشڻ کان پنهنجي هيرالڊ آفيس ڏي ويندي، دڪان وٽان گس ڏيئي لنگهندو هوس. اتي وڏي پٽر کي مجسمو ڏسندي خوش ٿيندو هوس. اهو منظر آڏي اک سان ڏسي واهو ٿيندو هوس.

هڪ رات جيئن آفيس کان دير سان موٽيس، تہ اتي ڪو ماڻهو ڏسڻ ۾ آيم، سوچيم تہ، اج آءٌ بہ وڃي پنهنجي مجسمي کي ٽيٽار نهار سان ڏسي، عام لوڪ جيان مزو مائيندس. آءٌ پنهنجي شاهڪار کي ايترو تہ گهوري گهوري ڏسي رهيو هوس، جو سمڪ ئي نہ رهي. اوچتو هڪ اچي چيو: ”ڪيئن ٿو ڀائين دوست!“ توکي سُڌ هئڻ گهرجي تہ، ڳورن کان، دوست ڪري ڪيڪارڻ اسان کي ڪڏهن نصيب ٿيندو آهي.

”بس آءٌ مجسمو پيو ڏسان ”مون کيس چيو.

”آءٌ هتي ويجهو ٿو رهان ۽ گهڻو ڪري هر رات ڏسڻ ايندو آهيان. توکي سُڌ آهي تہ بت بہ توهان مان ئي ڪنهن ڪاري گهڙيو آهي؟ ڇتائي ڏس.“ اچي منهنجو ڌيان ڇڪائيندي چيو.

”ها مون کي سُڌ آهي“ مون آجاتي ۾ چيو.

”ڏاڍو سهڻو مجسمو آهي. هن عورت جي منهن ڏي تہ ڏس، پنهنجي ٻار لاءِ اڪنڌ پيار سندس پيشانيءَ مان ٻکي رهيو آهي؛ پر هوءَ غمگين پڻ آهي ۽ سوچي رهي آهي تہ سندس ابهم جي زندگي سولي نہ گذرندي.“ ڳوري ڇتائي ڪندي چيو ۽ ڳاٽ اوچو ڪري وري مجسمي کي ڏسڻ لڳو ”چاڻين ٿو، سنگتراش کي هڪ هزار پائونڊ انعام مليو، اهي ڏوڪڙ توهان ٻارن لاءِ وڏي ڳالهہ آهن. ڀاڳ ڀلا هئس؛ ڀلا تنهنجي بہ ڪڏهن اهڙي قسمت ٿي؟“ سُرڀائيائين ”دوست، شراب پيئندين؟“

”هو روز ان مجسمي کي بنا ويساند ڏسڻ ويندو آهي. هن جو خيال آهي ته خدائي اهڙو مجسمو ٺاهي سگهي ٿو — ۽ جنهن ماڻهوءَ ان کي ٺاهيو آهي، خدا پڪ سان ان ۾ سمايل آهي - انهيءَ ڪري ٿي هي ساڻس ملڻ ٿو چاهي ۽ پنهنجي اندر جو حال اورڻ ٿو چاهي.“

رينسبرگ شراب جي بوتل مون ڏانهن وڌائي، اها بهترين برانڊيءَ جي بوتل هئي؛ پر منهنجي بي آرامي وڌندي پئي ويئي، ڇاڪاڻ ته پڪڙجي پوڻ جو کٽڪو هو. ٽڪڙو ٽڪڙو بوتل کي ڏوڪڻ شروع ڪيم، ائين جيئن آرلينڊو ۾ پيئندو آهيان. رينسبرگ دلداري ڏيندي چيو:

”آءٌ توکي ٽيشن تي ڇڏي ايندس. آءٌ جيڪر توکي گهر ڇڏي اچان ها؛ پر مون کي رات جي وقت آرلينڊو ويندي ڊپ ٿو ٿئي.“

”توکي خبر آهي، منهنجي لفظن جو مقصد ڇا هو؟“

”ڪهڙا لفظ!“

”اسان جي ملڪ جي سهڻي هڻڻ جي باري ۾.“

ها مون کي معلوم ٿي ويو، ته هن جو مطلب ڇا هو؟ مون ڄاتو ٿي ته منهنجي انسان هڻڻ ڪارڻ هن سندم ويجهو اچڻ ٿي چاهيو؛ پر هو ائين ڪري نٿي سگهيو، ڇو تہ ڪارن جي ملڪ ۾ رهندي هو اندو ٿي چڪو هو. ڪارا ماڻهو اڇن جي من کي ڪڏهن ڪڏهن ميڻ ڪري سگهندا آهن - جڏهن اهي ”ماءُ ۽ ابهم ٻار“ جو مجسمو ٺاهيندا آهن. آءٌ سوچ جي سمونڊ ۾ ٻڏي ويس.

”ڇا پيو سوچين؟“

”گهڻيئي ڳالهيون آهن.“ ائين چئي وري چپ ٿي ويس ۽ دل جو سور دل ۾ پي ويس. هو ڇا سوچي رهيو، سا خدا کي خبر؛ پر مون ائين محسوس ڪيو، تہ هو شيهي جي جوتن سان پيڇڻ جي ڪوشش ڪري رهيو هو؛ پر ان هوندي بہ ڪيس معلوم ٿي نہ سگهيو تہ هو ڇُري ڇو نہ پئي سگهيو. سندس دل تي ڪاري سنگتراش ڪهڙو اثر ڪيو ۽ هن مون کي ليکرو جي حيثيت ۾ ڇُهڻ پئي گهريو؛ پر ڇُهي نٿي سگهيو ۽ نہ ڇهڻ جو ڪارڻ نٿي ڄاتائين. هو الاءِ ڇو وساري ويٺو هو، تہ ڪارن سان خدا ڪارڻ دشمني انهيءَ جو ڪارڻ هئي.

جڏهن آرلينڊو ۾ پهتس ۽ پنهنجي زال کي سڄي وارتا سڻايم، تڏهن هن ڪارن جي حالتن تي روئي ڪٿي رَڃَ پريا.

Ed. Herbert L: Shore, Megcheline Shore- Bos, "Come Back Africa" Seven Seas, Aerlin, 1968.

Shart story–A Drink in chi panage by Alan Paton Page 154 to 163.

بوندن چيڙي پاڻ ۾ ڳالهه —
ڏس، پراڻي گاڏيءَ جا ڦيٿا
ڪيئن ٿا ٺاهين لئين پانت!

ورڪا- ڏارائون چون ٿيون سين کي وسار-
چئن ورهين کان پوءِ هن ڌرتيءَ تي ڪڙندا واڙيءَ ۾ گل.

ورڪا جون اهي ڏکيون تارون. ڪري ويون اونداهي رات
وسامي ويون آليون ڪاليون- ڏيئي اٿندر شعلا
چڙي ويون سياري جي بات.

ڪپ جي آلاڻ سان باهه ويئي ٿڏي ٿي
چئن ورهين کان پوءِ هن ڌرتيءَ تي ڪڙندا واڙيءَ جا گل.

سڄيل ٿڏن، نيرن چپن مان اچي ٿو آواز—
سرجيندڙ انهن هٿن جي رکئي آهي لڄ.
اندر آلاڻ پريل، باهر سوڪهڙي جو تهه
جمي ويئي آهي هر شيءِ،
مانيءَ کي گهيريو آهي پوڙ،
جا اک چيري اوندهه جو پڙدو
جنهن جو سهي نه سگهي تاب
اها ملڪيت ڪيئن ڪندي—
اچي ڪي ڪارو؟
پٿرن جي مُڙي تي نوڪ—
وِک وِک تي جنهن رکيو آهي بارود!
تڪو، ڌرتيءَ کي چيريندو، ڪويل وانگي،
پوءِ ڳڏجي چپن تي آيريو،
توتاري جو گيت...
اي سچ، ڌرتيءَ جو سرد اڱڻ ڪوسو ڪر
ٻنين جي منهن ۾ جڳمڳ چمڪ، سؤ سؤ چاهن جي.
چت پنهنجي هٿ سان چانورَ ڪندي، ڪتوري پريل ماني،
سونهن جي ڪُک مان هڪ دري اسان کولي ڇڏيون
هن ٿانيگي نديءَ جون لهرون ڌرتيءَ کي ڏين ٿيون رستو

اڄ ڪا اڪ اونداهيءَ جا چوڏا لاهيندي
۽ مٿل ۾ پولندو ساهه.

ڌرتيءَ جي ڇاتي ڌڙڪندي، آپرندو هڪ شهر
سرد ويران خالي اڱڻ ۾ ـ سونهن ڌريندي پير
مستقبل جا چپ پوءِ ڳڌندا زندگيءَ جو گيت
ڇٽن ورهين ڪان پوءِ هن ڌرتيءَ تي ڪڙندا واڙيءَ جا گُل.

## ● ارنيست ٽولر (1893-1939)

ارنيسٽ ٽولر هڪ جرمن شاعر ۽ ناٽڪڪار هو. پهرين مهاڀاري لڙائيءَ ۾ هو قتجي پيو، جنهن وچ ۾ مٿس سماجوادي (سوشلسٽ) خيالن جو اثر ٿيو. 1939 ۾ خودڪشي ڪيائين. سندس هڪ نظم آهي: 'جيئرن جي ٽالي':

'ڪندن توکي نٿو سُونهي
۽ نه سونهي ٿي توکي ديو
توکي جا ڌروهر ملي آهي
لٽڙيل آهي رت سان
وهيو آهي جو تنهنجي پاءُ جي دل سان...
پريل گلي سان
تڪي ٿو راهه ـ توهان سڀن جي،
وقت جو تمام ڳورو بار
توهان جي سِرن تي اچي ٽِٽو آهي.
کولي ڇڏيو طاق
بند آهن جي ڪپاٽ
چمڪندڙ صبوح جا!'

## ● آٽيلا يوسف (1925-1970)

آٽيلا يوسف هنگريءَ جو شاعر، پنهنجي ٻچاڙيءَ وارن ڏينهن ۾ اڪيل نظم جي ٻچاڙيءَ ۾ لکي ٿو:

"ڪير وارن ڏندن سان ٿو جبل ٽوڙڻ چاهيو
هورڪ!
سپنا ڏسڻ لاءِ ڇا ڪا رات ٿي ڪافي نه هئي؟"

لاباري جا ڏينهن آهن
ٻري وڻڪار ۾ ڪو ڳائي پيو
۽ سڀ رڪاوٽون پٺي هن جو رت وهي پيو...
لاباري جا ڏينهن آهن-اي غلام ڇوڪريون!
ڏکن جا گيت ڳايو! ڏينهن چڙهي رهيو آهي
غلامن جي ملڪ تي سج سڙي رهيو آهي
۽ هڪ سرويچ ڪي اڄ اڃا مرڻو آهي...
جو ويڙهه ۾ مري ٿو، آهو لڙو مري
هي ساري ڌرتي هن لاءِ روئي ٿي
۽ هي آسمان به ٿو روئي،
ٻن، ٻن ۽ جانور به ٿا روئن
۽ چارڻ سندس چاهت جا گيت ٿا ڳائين
سرڻ سندس منهن تي ڇالو ڪري ٿي
۽ واڳهه سندس ڦٽ چٽي ٿو
عقاب-پکين جو سرويچ
منهن سندس مٿان ڦيرا ڏي ٿو-جوڙو جو آهي!
هرشيءِ ويجهو ويجهو ٿينديءَ اچي
چند چڙهي ٿو ۽ تارن جو آسمان تي آهه راڄ
ڪهاڻا جهنگل جهومن ٿا
هوا اکيون مهٽي ٿي، جبل 'هائيبڊ ڪيت'(1) ٿا ڳائين
جهنگل جون ٻريون جهومن ٿيون، ڪيت لهرائين ٿا
-۽ هنن جا گيت ڳائين ٿا
سائي گاهه تي هوريان ٽلنديون
ٻن جي سهاري پرسان ويهن ٿيون،
ڪا هڪڙي ڇهري تي ٻائي تي چٽڪائي
ڪا وري ڦٽن تي مرهم ٿي لڳائي
ڪا جهڪي چپ ٿي سنڌس چمي
هو ڇپر اکين جا کٽي تکي ٿو
۽ مُرڪي ٿو:

---

(1) ان وقت گوريلن جو گيت.

’حسينوا ’ڪاراجا‘ (1) ڪٿي آهي؟
منهنجي يارن جو ٽولو ڪٿي آهي؟
مون کي ٻڌايو
۽ منهنجي آتما کي منهنجي تن مان ڪڍي وٺو
هي تن هينئر، هتي ئي، هن پل ختم ٿيڻ ٿو چاهي...‘
اهي اڇا ويجهو اچڻ ٿيون
جهومڻ ٿيون
هٿن ۾ هٿ ڏين ٿيون
۽ پوءِ اڳي جيئن جهونڪاريندون
ڪيس آسمان ڏانهن وڌيو وڃن ٿيون—
اڏامنديون، ڳائينديون، آسمان ڏانهن وڌنديون...
ٻاڪ ڦٽي آهه ۽ هن ٽڪريءَ تي اهو سرو ٻچ سمهيو پيو آهي
سندس رت اڇا پيو ٿئي
واڪهه رت ڇني ٿو
۽ سج هڪ دفعو وري ساڳي ريت سڙي رهيو آهي.—

## ● اوسپ مئنڊيلسٽام (1891-1938)

هي روسي شاعر وارسا (پولينڊ) ۾ ڄائو هو. ماسڪو مونئي آيو ته ڪيس Concentration Camp ۾ رکيو ويو. مير مارڪوف ’جديد روسي شاعري‘ جي مهاڳ ۾ لکيو آهي ته ’اسٽالن جي باري ۾ طنز و مزاح جا نظم لکڻ ڪري، Concentration Camp ۾ رکيو ويو، جتي سندس موت ٿيو. اٽي هو پنهنجي حصي جو ڪاڌو نه کائيندو هو، ڇو جو کيس ڊپ هو ته ڪاڌي ۾ زهر ملايل هوندو. انهيءَ ڪري ساٿين جو ڪاڌو چورائي کائيندو هو، جنهنڪري آهي کيس ماريندا هئا.‘

مئنڊيلسٽام جو هڪ نظم آهي: ’اڇو پائروا—‘

’اڇو پائروا! آزاديءَ جي جدوجهد جو گيت ڪو ڳايون
هي مهان ڏنڌلو ورهيه آهي...
رات جي تپندڙ پاڻيءَ ۾
چار جو جهنگ وڇايل

(1) حاجي دِمِيتر جو ساٿي جو حاجيءَ کان ڪجهه ڏينهن اڳ جنگ ۾ زخمي ٿي ترڪ حاڪمن جي جيل ۾ مري ويو.

۽ ڀان ڀان ڪندڙ ونڪار مان
۽ جهنگل جي ٻيلن ۾ ـ چٽ ۾ ڇٽيل ٻنن مان
ٻڙن ۽ ٻاٽيءَ مان
جهوڙين، واڙن، انگوري باغيچن ۽ جوتيل ٻنين مان
۽ رڍن جي واڙن، ڪنڍ ٻاسن ۽ اوڏاهن ڪوهن مان
۽ ڪنڊن ۽ ڪسين تان لنگهندي ــ
هي قاتل ڪپڙا پاتل، ٻکيا ۽ ڪومايل چهرن وارا تيز گرمين ۾ ٻڪل
ٻاري ۽ لُڪ جا ستايل
آڪڙيل ۽ منهن قاتل مهانڊن وارا
۽ جهڪيل ٻني ۽ سُسيل بدن وارا
ميرن ڪپڙن ۾ هميشه ڪان اگهاڙا
لٽون ٻيرن ۾
داڳن مان سٽيل ڇهرا، اڻ ٻڙهيل، اٻوجهه جهنگلي
ڪاوڙيل ۽ ٻرندڙ ڪالين جيئن ...
هٿن ۾ نه ڪو گلاب ...
چپن تي نه ڪو گيت ...
نه گهڙي، نه گهڙيال ...
نه ٻگل، نه توتاري، نه ڪو سُر سنگيت ...
لباس تار تار
چمڪندڙ تلوار ٻدران ڏنڊا ۽ لٺيون ڪنيو
هي ٻورهيت
لٺيون، ڪهاڙيون، خنجر، ڏانداريون
ڪُرپا ڪنيو
۽ ڪي سورج مُکيءَ جا گل ڪنيو
جوان پوڙها ڇٽني ڏسن ڪان آيا آهن
جڻ جانورن جا واڙا کُلي ويا هجن ...
هي بيشمار ـــ مچريل مانَ
سيني ۾ خدا جو سڏ ڪنيو
وات ۾ فرياد ڪنيو
ٽٽا آهن ٻنه جيئن ـــ اڳتي وڌندا وڃن

● شيخ عبدالمجيد سنڌي مرحوم جيڪڏهن دليا جي سڌريل ۽ پنهنجن هيرن جي قدر ڪرڻ وارن ملڪن ۾ پيدا ٿئي ها، ته نه صرف ڪنهن ممتاز مرتبي تي فائز هجي ها، بلڪ پوري دنيا ۾ سندس عزت افزائي ڪئي وڃي ها. مگر افسوس، ته اسان وٽ پنهنجن سچن ۽ مخلص رهنمائن ۽ خادمن جو جيئري ڪو قدر ڪونه ڪيو ويندو آهي، شيخ صاحب کي به سندس حياتيءَ ۾ اهو اعزاز نه ملي سگهيو، جنهن جو هو هر لحاظ کان مستحق هو.

روزانه ”آفتاب“ حيدرآباد، 25- مئي 78

(ايڊيٽوريل مان)

● افسوس جو شيخ عبدالمجيد سنڌي ’سنڌ‘ ۾ پيدا ٿيو، جنهنڪري هن اعليٰ پايه جي رهنما جو اهو قدر نه ٿيو، جيڪو ٿيڻ کپندو هو. شيخ صاحب پيرانه ساليءَ ۾ هڪ وسريل انسان وانگر قوم جي بي حسيءَ تي خاموشيءَ سان ماتم ڪندو رهيو، پر ڪڏهن به دامن صبر کي هٿن مان نه ڇڏيائين. هن لحيف ۽ ضعيف انسان جون رڳون رڳ جون ٿهيل هيون، ۽ اهوئي سبب هو جو ڪنهن به جابر حاڪم اڳيان سندس گردن خم نه ڪاڻو.

روزانه ”عبرت“ حيدرآباد، 25- مئي 78

(ايڊيٽوريل مان)

● انتهائي سادگي، سچ ڳالهائڻ واري، لنڊن کي سمجهائڻ ۽ نوجوانن جي هردم رهنمائي ڪرڻ واري هن عظيم رهنما کي به زماني جي اٿل پٿل نه ڇڏيو، ۽ جڏهن سندس عمر جو پويون پهر ٿيو، ته ڪيس سندس اجهي واري معاملي تي تنگ ڪرڻ شروع ڪيائين. اهو شڪر آهي، جو چند حيادار نوجوانن سندس همت پڌائي، ورنه شايد ڪيس اجهي تان هٿ ڪڻڻو پوي ها. زماني جي اها بي مروتي روايتي آهي، جنهن کان پين کي شڪايت ٿي سگهي ٿي، پر شيخ عبدالمجيد سنڌي اهي ڏهاڙا به صبر سان گذاريا.

روزانه ”سنڌ نيوز“ حيدرآباد، 25- مئي 78

(ايڊيٽوريل مان)

الهداد ٻوهيو (مضمون)

# ”شعر جي اڀياس جا نوان طريقا“-5

## ميٿ (Myth) يا ڳجهه ڳجهاندر

### (1) ميٿ:

مٿ جو لفظ پهرين ارسطوءَ جي ڪتاب پوئيٽڪس (Poetics) ۾ ڪم آيو هو. ان وقت جيئن هي لفظ ڪم آندو ويو هو، ان جي معنيٰ هئي: ڪهاڻي، پلاٽ، يا نصيحت ڀري آکاڻي (Fable). اِن قسم جون نصيحت ڀريون آکاڻيون، جن بنيادن تي لکيون ويون آهن، سي اسان هيٺ ڏيون ٿا:

(1) تاريخ.
(2) سماجي رجحان.
(3) فڪر ۽ فلسفو.
(4) رائج الوقت آداب.
(5) اهم ڪردارن جو اثر.
(6) فرد جو سماجي نظريو (جنهن ۾ فرد جا سڀ پهلو شامل آهن)
(7) خوف ۽ ڊڄ.
(8) تمام مٿاهين طاقتن جو تصور.
(9) سخت ترين طبعي قانُون ۽ فطرت جو حسن.
(10) مذهب ۽ عقيدو.
(11) ڪردار نگاريءَ جون تقاضائون.
(12) داستان گوئيءَ جو فرض.
(13) نازڪ آڌما ۽ جذبا يا محبت جو اظهار.

غور ڪبو ته معلوم ٿيندو ته گهڻو ڪري دنيا جي تمام وڏن شاعرن: هومر، ڊانٽي، تلسيداس، ملٽن، شيڪسپيئر ۽ عبداللطيف ڀٽائيءَ جي شاعريءَ ۾ لڳ ڀڳ اهي ئي ڳالهيون ملنديون. (اسان جڏهن ان ڳالهه تي پهچون ٿا، تڏهن معلوم ٿو ٿئي، ته اسان پنهنجي ادب جي تمام اهم ۽ ڪارائتن مقصدن جي ته اڃا ڇنڊڇاڻ ڪئي ئي ناهي!)

اهڙيءَ ريت ڪن ڳجهاندرن جو واسطو سج سان، ڪن جو چنڊ سان ۽ ڪن جو عورت سان آهي. (انهيءَ ۾ ڪو شڪ ڪونهي نه آهي ته ان دؤر جي عورت جا ڪٿي سسئي ته ڪٿي سهڻي ته ڪٿي ليلان هئي، سا ان دؤر جو به ايڏو وڏو سوال هئي، جيڏو شاهه عبداللطيف جي دؤر ۾ هئي).

(3) جدا جدا ڳجهاندرن ۾ هڪ جهڙائي (Universality) موجود هئي. هن هڪ جهڙائيءَ جو سبب ڪي ماڻهو هي ٿا ٻڌائين، ته ان وقت جي انسان ذات سڄي هڪ خاندان جهڙي هئي ۽ ان جي مخصوص ڪردارن جي تشڪيل اڃا نه ٿي هئي، ان ڪري انهن وقتن ۾ دنيا جي هڪ ئي مها ڪهاڻي هئي.

اِها ڳالهه هرويرو درست ناهي. ان دؤر جو انسان هڪ جاءِ تي ڪونه رهندو هو. هڪ قوميت، قبيلي يا گروهه ۽ ٻئي گروهه جي وچ ۾ پهاڙ، جبل، درياهه ۽ سمنڊ هئا. جدا جدا طبعي حالتن ۽ روزگار جي وسيلن توڙي اقتدار جي جدا جدا صورتن ۾ ان دؤر جي هر علائقي جا مسئلا ۽ مونجهارا جدا جدا هئا. البت ڪي تجربا ان دؤر جي انسان جا هڪ جهڙا به هئا. پهريان اوزار ۽ پهريان گهر هڪ جهڙا هئا. عورت جا مسئلا به گهڻو ڪري هڪ جهڙا هئا، ان ڪري هي ڪهاڻيون جيڪي تجربن جي آڌار تي لکيون آهن، تن ۾ ڪٿي ڪٿي هڪ جهڙايون اچي ويون آهن.

آڳاٽي ادب، ڳجهاندرن جي خصوصيتن، ايپڪ جي طريقن ۽ انسان جي تصوراتي سماج جي حقيقتن جي بنيادن تي شاهه سائينءَ جو شعر بهترين آڳاٽي ادب جي هڪ صورت آهي. ساڳيءَ ڳالهه کي يورپ ۾ شيليءَ، بائرن، ڪيٽس ۽ مٽاڻن برن توڙي پوپ به سمجهيو هو. پاڻ اووڊ ۽ هومر به انهن ڳالهين جي ڪري لافاني ٿي ويا آهن. ڊانٽي ۽ شيڪسپيئر به ڳجهاندرن جي بنياد تي عظمت حاصل ڪئي هئي. ملٽن به وڏو ماڻهو هو ته ڪاليداس ۽ تلسيداس به وڏا ماڻهو هئا. (شايد اهائي ڳالهه آهي ۽ اهائي وڏي ڳالهه آهي جا هن دؤر ۾ اياز ۾ ملي ٿي).

ادب هن خيال کان انفرادي نه، پر هڪ اجتماعي ڪارنامو آهي، ان ڪري ڪهاڻيون، مهاڪهاڻيون، ڳجهاندر ۽ ايپڪون پنهنجو مواد فردن وٽان نه، پر هڪ ”گڏيل انساني سوچ“ (Difusion of human Sentiments) مان حاصل ڪن ٿيون. هنن مهاڪهاڻين جو اندر (Ennertia) ايترو ڪشادو آهي ۽ سندن مواد ايڏو وڏو آهي، جو انهن جو مرڪزي ڪردار؛ خدا، مقدر، عشق ۽ انسانيت کان گهٽ حيثيت وارو ٿي نٿو سگهي، ان ڪري آڳاٽي ادب جا ڪردار به اهي ئي آهن ۽ اهي ئي ڪردار اڄ تائين هليا ٿا اچن. تمام ويجهڙائيءَ ۾ هن قسم جا ڪردار اقبال ڪم آندا آهن. اهان وٽ هن دؤر ۾ ڪردارن جي بنياد تي شاعري ڪرڻ وارو شاعر فقط اياز آهي.

آڳاٽي ادب جون اهي ڳالهيون، گهڻو ڪري دنيا جي سڀني وڏن ادبن ۾ ڳوليون ٿيون سگهجن. هر ادب جو ”پراڻ“ (Classics) هنن ڳالهين تي مدار رکي ٿو ۽ هر وڏي ادب جو وڏي ۾ وڏو اديب؛ ٻڌار، وارث يا امانتدار اهڙو ئي ادب پيدا ڪندو آهي.

(2) شاهه صاحب جي ڪلام ڪي سُرن (Songs) ۾ جو ورهايو ويو آهي ته ان جو مطلب ڇا آهي؟

(3) شاهه صاحب جا وڏا وڏا ۽ اهم ڪردار ڪهڙا آهن؟

(4) ڪردارن جي وسيلي شاعري ڪرڻ جو مقصد ڪهڙو آهي؟

(5) ڇا اسان شاهه صاحب جي سڄي رسالي ۾ ڪنهن به هڪ مها ڪهاڻيءَ جو پتو لڳائي سگهون ٿا؟ جي هائو ته ان راهه ۾ ڪي دشواريون آهن ڇا؟

هنن سوالن جي جوابن جي باري ۾ اسان هاڻي اڳتي لکي رهيا آهيون.

## (3) آڳاٽو ادب ۽ شاهه جو شعر

شاهه جي شعر جي مطالعي ڪرڻ وارن کي معلوم آهي ته شاهه جي سڄي شعر ۾ ڪهاڻين جو "نظام" موجود آهي. هي ڪهاڻيون شاهه سائين جي پس منظر ۾ ايل سماج جون ڪهاڻيون آهن ۽ انهن جا ڪردار ڪي فرضي آهن ته ڪي سچا. هنن ڪهاڻين جا ڪردار ڪن حالتن ۾ انسان نه، پر ڪي پيون حقيقتون آهن. هي سڀ ڪهاڻيون لوڪ ادب جي طور تي اڳي به ٻڌايون وينديون هيون (جيئن ڪربلا جو واقعو). شاهه به هنن کي بيان ڪرڻ لاءِ داستان گوئيءَ جي فن کان سواءِ ساز ۽ سُرَ جو سهارو ورتو آهي. گهڻو ڪري سڀني ڪهاڻين ۾ نصيحت جا نڪتا موجود آهن، پر جن ڪهاڻين ۾ سماج جي لاءِ نصيحت موجود نه هجي، انهن کي بيان ئي اهڙي طريقي سان ڪيو ويو آهي، جو انهن مان نصيحتون ملن. سڄي شعر ۾ شاعريءَ جي فن ۽ ٻوليءَ جي حسن کان ڪم ورتو ويو آهي. سڄي شعر ۾ سنڌ جي ڪن اهم واقعن کي بيان ڪيو ويو آهي، ڪردارن ۾ لکيو، مقدر ۽ ڪي پيا فرضي ۽ انسان کان مٿي طاقت ور ڪردار به شامل آهن. ڪن حالتن ۾ داستان گوئيءَ جو فرض به ادا ڪيو ويو آهي [جيئن مومل راڻي ۽ سورٺ راءِ ڏياچ ۾]. ڪن حالتن ۾ مثالي شخصيت جو تصور به ڏنو ويو آهي [جيئن ڪارايل ۾]. هي تصور مثالي ڪهاڻيءَ جي لاءِ تمام ضروري هو. وڏي ڳالهه ته هر داستان جو آهو پس منظر به بيان ڪيو ويو آهي، جنهن جو تعلق سنڌ جي ڪلچر، جاگرافي، تاريخ، سماجي حالتن ۽ نظري ۽ فڪري رجحانن سان هو.

اهڙيءَ ريت شاهه صاحب جي شعر مان آڳاٽي ادب جون خصوصيتون ڳولهيون ته معلوم ٿيندو ته ڪي خصوصيتون هيٺينءَ ريت آهن:

(1) مثالي ڪردار (خيالي يا حقيقي) Legendry character

(2) تاريخي سچائي

(3) شاعراڻو انداز

(4) ڊرامائي طريقو (جنهن ۾ ڪردار، عروجي نڪتا ۽ سماجي پس منظر شامل آهن)

(5) بياني انداز ۽ واقعن جو ذڪر

(6) مقدر يا فوق‌الانسان حيثيت جو تصور
(7) ڳائڻ واري خصوصيت (Lyricism) ۽
(8) داستان گوئي.

سو اِها حقيقت آهي تہ شاهہ جو شعر تمام گهڻين اهڙين ڳالهين وارو شعر آهي، جنهن ۾ پراڻي ادب جي اهم ترين طاقت موجود آهي.

پر تنهن هوندي بہ اسان هت انهيءَ ڳالهہ جو اظهار بہ ڪرڻ گهرون ٿا تہ شاهہ جي ايپڪ هڪ تمام سٺريل ايپڪ آهي ۽ مها ڪهاڻيءَ توڙي مثالي ڪهاڻيءَ جي خيال کان شاهہ صاحب هڪ ترقي پسند شاعر هو. هن پراڻ کان هٽڻ جون ڪوششون ڪيون آهن ۽ فن ۽ شاعريءَ جي ڪيترن ئي ماڳن ۾ هن نوان تجربا ڪيا آهن. هي ڳالهيون شاهہ جي دؤر جي تقاضائن ۾ شامل آهن. شاهہ جي دؤر تلسيداس ۽ هومر جو دؤر نہ هو. هن دؤر ۾ تصوراتي ڪردارن جو تعداد گهٽ هو ڇو تہ عملي طور تي انسان وڌيڪ مضبوط هو، پر تہ بہ تصوراتي ڪردارن ۾ جيڪي وڏا ڪردار هومر وٽ هئا (جيئن جوپيٽر ۽ ذيوس) سي شاهہ وٽ بہ آيا آهن (جيئن لکيو، قلم ۽ قضا). هومر جي لاءِ اهو ضروري هو تہ هو هيلن جي وسيلي پڻ تهذيبن کي تباهہ ٿيندو ڏيکاري تہ جيئن مستقبل جو انسان عورت جي باري ۾ ڪو واضح تصور رکي سگهي پر شاهہ جي لاءِ اهو تمام ضروري هو تہ هو عورت کي مرڪزي ڪردار جي حيثيت ڏيڻ سان گڏوگڏ ان تي ڪلچري ۽ مذهبي توڙي سماجي پابنديون رکي تہ جيئن عورت جي بنياد تي تهذيب کي ترقي ملڻ جو ڪم ٿئي ۽ نہ تباهيءَ ملڻ جو.

هن جاءِ تي پهچڻ کان پوءِ اها ڳالهہ بہ سمجهہ ۾ اچي ٿي تہ اهي ڪهڙا سبب آهن جن جي ڪري ملڪ جو هڪ تمام مشهور ۽ داستان گوئيءَ جي مقصد کان تمام اهم داستان- دودي چنيسر جو داستان، شاهہ پنهنجي رسالي ۾ ڪم نہ آندو آهي. اُهي هي سبب هن هيٺ لکان ٿو:

(1) ٻاگهي هيلن جيان سنڌ جي سورهيائيءَ جي دؤر ۾ سنڌ جي تمام گهڻن سورمن جي خون جي ذميوار هئي.

(2) چنيسر جو ڪردار سنڌ جو مثالي ڪردار ٿي نٿي سگهيو.

(3) دودي جو ڪردار اهم هو پر هن قسم جا ڪردار سنڌ جي تاريخ ۾ ٻيا بہ موجود هئا، تنهن کان سواءِ اهو ڪردار هونئن بہ عوامي طور تي مقبول هو.

(4) دودي جي ڪردار ۾ اهو شڪ هو تہ هن جي سورهيائي سومرا خاندان جي هڪ ڇوڪريءَ کي ڏارين ۾ پرڻائڻ جي خلاف ڪم آئي يا سنڌ ڏيهہ کي آزاد رکڻ جي ڪم آئي يا اڃا بہ پنهنجي ڀاءُ چنيسر جي دشمنيءَ ۾ ڪم آئي.

(5) ٻاگهيءَ جي ڪردار ۾ هڪ غيرذميوار ڇوڪريءَ جو اهو مزاج شامل هو جنهن ۾ هوءَ حڪومتن جي مصلحتن کان غيرواقف هئي ۽ روايتي عورت جيان طعني تنڪي ۾ قابل هئي.

(6) هومر بہ پنهنجي ٻوليءَ جي الهيءَ دؤر ۾ هو جڏهن يوناني ٻولي پنهنجي پوري اوج تي هئي ۽ اظهار جي وڏي قوت رکندي هئي تہ شاهہ بہ سنڌي ٻوليءَ جي اهڙيءَ دؤر ۾ شعر چيو هو.

(7) هومر بہ شعر "چيو" هو ۽ نہ لکيو هو تہ شاهہ بہ شعر "چيو" هو ۽ نہ لکيو هو.

(8) هومر بہ نہ ڪنهن ادبي انجمن جو سربراهہ هو، نہ ميمبر نہ درٻاري شاعر، نہ شام ملهائڻ وارو ۽ نہ پوئٽ لاريئٽ ۽ شاهہ بہ اهڙوئي شاعر هو.

(9) هومر بہ پنهنجي دؤر جي "ڪٿا" کي شعر ۾ ڪم آندو آهي تہ شاهہ بہ ائين ڪيو آهي.

## (4) مها ڪهاڻي ۽ مثالي ڪهاڻي

مها ڪهاڻي مثالي ڪهاڻين جي هڪ سلسلي جو نالو آهي ۽ مثالي ڪهاڻيءَ ۾ ڪنهن نہ ڪنهن ڪردار جو تصور موجود هوندو آهي. اڳ ۾ پايان تہ هن جاءِ تي اسان جي لاءِ ضروري آهي تہ اسان مثالي ڪردار جي باري ۾ وضاحت سان لکون، جو تہ مثالي ڪردارن مثالي ماڻهن کي متاثر ڪيو آهي ۽ مثالي ڪردار جو ڪو نہ ڪو تصور هر شاعر يا هر آرٽسٽ جي سامهون رهي ٿو. انڪري مثالي ماڻهو ۽ مثالي ڪردار شاعريءَ جي اڀياس جي باري ۾ وڏي اهميت رکن ٿا.

پراڻي ادب جي خيال کان مثالي ڪردار سڀ نہ سهي، پر گهڻا اهڙا هئا جو انهن ۾ بهادريءَ جو جوهر موجود هو. بهادري فرد جو هڪڙو گڻ آهي، پر انهيءَ ڳالهہ تي تڪڙ ۾ اِها راءِ قائم ڪري نٿي سگهجي تہ ڪنهن مثالي ڪردار جي لاءِ رڳو بهادر هئڻ ئي ضروري آهي يا ان جي لاءِ ڪي ٻيون ڳالهيون بہ ضروري آهن. بيشڪ امير حمزي جي داستان ۽ بيوولف جهڙن داستانن ۾ بهادر هئڻ تمام ضروري هو ۽ ڪن حالتن ۾ آهوئي گڻ سيني گڻن جو مَت هو، پر انهيءَ هوندي بہ جدا جدا حالتن ۾ شاعرن ۽ ڏاهن ماڻهن مثالي ڪردارن جون جدا جدا خصوصيتون بيان ڪيون آهن. نيتشي جهڙن عالمن وٽ مثالي ڪردار سپرمئن جهڙو آهي. اقبال وٽ اهو شاهين يا مرد مؤمن آهي ۽ شاهہ وٽ اهو هنجهہ آهي. پر اِها ڳالهہ درست نہ آهي تہ تصور انهن ٽنهي جو هڪ جهڙو آهي.

ياد رکڻ گهرجي تہ اِهو بہ ضروري نہ آهي تہ هر ڪو مثالي ماڻهو عظيم انسان يا فرد هوندو آهي. عظيم ماڻهو ۽ مثالي ماڻهو هرويرو هڪ جهڙا ڪونہ ٿا ٿين! مثالي ماڻهوءَ ۾ جن عام خصوصيتن کي ڏسڻ پسند ڪيو ويو آهي، سي هي آهن:

(1) سماج ۾ عزت ڀريو ۽ چاتل سڃاتل ماڻهو هجي.

(2) ان جي حيثيت ڪي بحث يا تڪرار جو موضوع نہ بڻايو وڃي.

(3) هُن جي ڪردار ڪن نہ ڪن ڪردارن کي متاثر ڪيو هجي.

(4) هن ۾ سهڻ، نبرڻ يا مقابلي ڪرڻ جي وڏي قوت هجي.

(5) هن جا نظريا ۽ عقيدا نرا روايتي نه هجن، پر هو تبديل جو اتساهه رکندڙ هجي ۽ نظرياتي توڙي فڪري بنيادن تي مضبوط هجي ۽ قربانيون ڏئي سگهي.

هنن ڳالهين جي بنياد تي ڪنهن ماڻهوءَ جو مثالي ڪردار ٻن جي لاءِ به مثالي ڪردار ٿي ٿو سگهي. پر عظيم انسان جو تصور هرويرو ڪنهن مثالي ڪردار جهڙو لڳو ٿئي. مثالي ڪردار جهڙا ڪردار هر قوم وٽ آهن. مثالي ڪردار جي لاءِ اهو ضروري نه آهي ته:

(1) هو وڏي ۾ وڏو ڏاهو هجي.

(2) هو پاڪ ۽ معصوم هجي.

(3) هو انسانن کان مٿي ڪنهن ٻيءَ مخلوق جو فرد هجي.

(4) هو نوان ۽ نرا ويچار رکندو هجي؛ ۽

(5) هن جي زندگيءَ کي عملي طور تي اختيار ڪري نه سگهجي.

هن قسم جا ڪردار سماج ۾ وڏي جڳهه والاري ويندا آهن ۽ انسان جي تاريخ ٺاهڻ ۾ به وڏو هٿ هنن ڪردارن جو آهي. سنڌ جي تاريخ ۾ به مثالي ڪردار جام ملن ٿا، پر اسان هت انهن جي نالن جي لسٽ لکي نٿا سگهون (اميدوارن جي قطار وڏي آهي ۽ اسان کي سڀني جي مثالي ڪردار هئڻ ۾ شڪ آهي، تنهن کان سواءِ هن قسم جي اپياس کي سياسي رنگ به ڏئي سگهبو).

البت تاريخي ڪردارن کان سواءِ اسان وٽ ڪي تصوراتي مثالي ڪردار به آهن. مثال طور: ڄام چارڻ، گامو سچار ۽ وتايو فقير. هي سڀ ڪردار هرهنڌ مثال طور ڪم اچي رهيا آهن ۽ ياد ڪيا ۽ ڳايا وڃن ٿا.

اهڙن ڪردارن جي بنياد تي پڪل ڪهاڻيون مثالي ڪهاڻيون ٿين ٿيون. اهي ڪهاڻيون ڳايون ٿيون وڃن. اسان وٽ انهن سان گهٽيون تحرير هيٺ آيون آهن. ۽ اهڙيءَ ريت مثالي ڪردار زنده رهن ٿا، پر هنن مثالي ڪردارن جي تصور کي ڪڏهن به اٽل چئي نٿو سگهجي.

پڇاڙيءَ جا ڪيترا ئي مثالي ڪردار اياز به ڳايا آهن، پر نظري ۽ فڪري بنيادن تي اياز ساڳين ڪردارن جي مدد سان مختلف نتيجا ڪڍيا آهن. هيءَ ڳالهه اياز جي شاعريءَ جي اپياس ڪرڻ وارن لاءِ شايد ڪا اهميت رکندي هجي!

مثالي ڪهاڻين جي بنياد تي مها ڪهاڻيون ٺهن ٿيون، سو هر قوم جي لاءِ ضروري آهي ته هُن وٽ ڪا نه ڪا مها ڪهاڻي هجي. انهيءَ قوم جي ادب جي باري ۾ ڪو فيصلو ڪري نٿو سگهجي، جنهن وٽ پنهنجي ڪا مها ڪهاڻي ڪانهي. سنڌ جي هن دؤر ۾ ته مها ڪهاڻيءَ جو سوال سنڌ جي سطح تي اٿاري نٿو سگهجي، پر شاهه جي زماني واريءَ سنڌ جي صورت ۾ مها ڪهاڻيءَ جو تصور ممڪن هو، ڇو ته ان وقت جي سنڌ ڪلچري توڙي فڪري بنيادن تي

(2) ڪردار ڪي مڪمل طور تي اڀارڻ جي لاءِ ان جا اهي پهلو به ظاهر ڪرڻا هوندا هئا جيڪي لفظن جي مدد سان ظاهر ٿي نٿي سگهيا. ان ڪري لفظن جي ادائگيءَ جي مقبول نموني يعني راڳ جي مدد ورتي ويئي هئي.

(3) مثالي ڪردار جي تصور کي قائم رکڻ ۽ ان کي سانيڍي رکڻ جي لاءِ راڳ جو وسيلو ڪارآمد وسيلو هو.

(4) داستان گوئيءَ جي لاءِ به راڳ کي اختيار ڪيو ويو آهي.

(5) شاعر پاڻ کي اجتماعيت جي حيثيت ڏيڻ لاءِ راڳ جي محفل ڪي هٿائيندا هئا. هن طرح پڙهائي به پرچار جو مرڪز بڻجي ويو هو.

(6) راڳ جي وسيلي اظهار جو وسيلو حڪومتن وٽ اعتراض جوڳو سمجهو نٿي ويو.

(7) پڙهائيءَ جي حالت ۾ نازڪ جذبا ۽ دل جون ڪيفيتون به تقاضا ڪري رهيون هيون ته شاعر ساز ۽ سوز جي مجلس ۾ ويهي، ڳائي ۽ پڙهي.

هن طرح شاهه جو شعر سُرن جي خيال کان ڏاڍو اهم آهي.

هن طرح اسان هن ڳالهه تائين پهچي ٿا سگهون ته شاهه جي شعر ۾ ناٽڪائو انداز ڳولي سگهجي ٿو. ناٽڪائي انداز جون وڏيون وڏيون ڳالهيون ته اسان ڏسي چڪا آهيون، راڳ، ڪردار ۽ ڳجهاندر کي هلائڻ (Manipulation) جو مخصوص انداز جيڪو شاهه جي شعر ۾ موجود آهي، سي ڳالهيون شاهه جي شعر کي ناٽڪائو انداز ڏين ٿيون.

پر ياد رکڻ گهرجي ته موجوده دور جي ناٽڪ جون ڪي فني ڳالهيون اهڙيون آهن جو شاهه جو شعر انهن جي لحاظ کان ناٽڪائو چئي نٿو سگهجي. پر هي سوال هڪڙو فني سوال آهي.

هاڻوڪو ناٽڪ فني طور تي اداڪاريءَ، اسٽيج جي ٽڪنيڪ، پلاٽ ۽ ڪهاڻيءَ جي فني خوبين ۽ سماجي ڪارج جي خيال کان هڪ تمام وڏي ٽيڪنيڪل ڳالهه آهي پر اسان هروڀرو ناٽڪ جي جديد ترين صورت کي شاهه ۾ ڇو ڳوليندا سون.

شاهه جي ناٽڪائي شعر ۾ وڏي ڳالهه پلاٽ جي آهي. هنن پلاٽن ۾ عروجي نقطا (Episodes) ٿين ٿا. هنن پلاٽن ۾ ابتدا ۽ انتها ٿئي ٿي. هي پلاٽ انتهائي عروجي نقطو (Cricis) به ڏين ٿا. هنن پلاٽن جو ڪونه ڪو سماجي پس منظر به ٿئي ٿو ۽ آخر ۾ هي پلاٽ اميد، خوف خطري ۽ نازڪ جذبن جي مدد سان به ٺاهيا ويا آهن. ان ڪري هر لحاظ کان هي پلاٽ ناٽڪ جي پلاٽن جهڙا آهن ۽ اسان انهن جي بنياد تي سهڻا ۽ سٺا ناٽڪ لکي ٿا سگهون.

دليا جي ڪيترن ئي ناولن جي بنياد تي ناٽڪ لکيا ٿا وڃن. سو اسان به هنن سُرن جي بنياد تي ناٽڪ لکي ٿا سگهون. هن طرح اسان شاهه جي شعر کي پڙهڻ ۽ سمجهڻ لاءِ هڪ ويڪرو ميدان تيار ڪري سگهنداسون ۽ ان ۾ لئين دلچسپي پيدا ڪري سگهنداسون. جڏهن صورتحال اها آهي جو اسان جو جوانن جو نسل رسالو ڏکيو ٿو سمجهي ۽ نثو پڙهي ۽ اسان وٽ ان کي نون طريقن سان پيش ڪرڻ جو ڪو پروگرام به ڪونهي ته پوءِ آخر ٻيو ڪهڙو طريقو آهي رسالي کي محفوظ ڪرڻ جو (خبر نه آهي ته ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز وارن وٽ پروگرام ڪهڙو آهي)؟

## 8 شاهه جا ڪردار.

شاهه جي ڪردارن تي مفصل ۽ ٽڪنيڪي بحث هن جاءِ تي ڪري نٿو سگهجي ڇو ته هت اسان جو موضوع ڳجهاندر ۽ ان جي شاعرائي حيثيت آهي ۽ نه ناٽڪ. پر ڇاڪاڻ ته سڀ ڳجهاندر ڪردارن جي ياد تي ٺهيا آهن. اسان شاهه جي حالت ۾ به ڪردارن تي به ڪجهه نه ڪجهه لکي رهيا آهيون.

اهم ترين ڪردار اهو هوندو آهي جيڪو پنهنجي خالق جي ذهن ۽ صلاحيت جو مظهر هجي ۽ ان جي ذاتيات تي دلالت ڪندو هجي. اهڙي ڪردار جون ٻيون خصوصيتون هي آهن:

(1) هي ڪردار سماجي ٽڪر ۽ ڇڪتاڻ مان پيدا ٿيندو آهي.

(2) هي ڪردار پنهنجي خالق جي انهيءَ تصور جو حامل هوندو آهي جيڪو هو مثالي ماڻهوءَ جي باري ۾ رکندو آهي.

(3) هي ڪردار ناٽڪ جي سماجي دنيا ۾ وڏيڪ همدرديءَ جي لائق ۽ اثرائتو هوندو آهي. ۽

(4) هي ڪردار ناٽڪ جي سماجي دنيا ۾ انساني لاڳاپن جي هڪ مخصوص طرز کي ادا ڪرڻ ۾ مدد ڪندو آهي.

هنن حالتن ۾ شاهه جي ڪردارن جو اڀياس اسان کي اها ڳالهه سمجهائيندو ته سنڌي ادب ۾ مثالي ماڻهوءَ جو تصور ڪهڙو آهي ۽ ان مان ئي اها ڳالهه سمجهه ۾ ايندي ته اسان جو شاهه جي دور جو فڪر ۽ فلسفو اڄ به اسان جي رهبري ڪري ٿو يا اهو سماجي طور تي هاڻي مدي خارج آهي.

## 9 آخري عرض:

هن وقت تائين اسان شاهه جي شعر جي انهيءَ پهلوءَ جو جائزو ورتو آهي جنهن ۾ شاهه جي شعر جو ۽ دور جو ڳجهاندر شامل آهي. اسان ڳجهاندر جي جن ڳالهين تي لکي آيا آهيون سي هيٺ اختصار سان ڏيون ٿا:

(1) ڪهاڻي ۽ مها ڪهاڻي.

(2) مثالي ڪهاڻي.

(3) ڪردار ۽ انهن جي ادائگي.

(4) ڳجهاندر جي زمين جون طبعي حالتون.

(5) اپڪ ۽ ان جون خصوصيتون.

(6) ڳجهاندر واري شعر ۾ سُر ۽ آلاپ جو حصو.

(7) شاهه جي شعر ۾ ڳجهاندرن جا ڪي مثال.

(8) شاهه ۽ هومر ۾ هڪجهڙايون.

(9) آڳاٽي ادب جون ڪي اهم خصوصيتون ۽ ڪي ٻيون اهم ڳالهيون.

هن ڪان پوءِ اسان شاهه صاحب جي نظري ۽ فڪري صلاحيت کي سمجهڻ جي لاءِ ان جي ڪن ڪردارن جو اڀياس ڪنداسون.

---

●

جيڪڏهن آهي ليکڪ، جن ۾ خاص طرح سان 'جديديت' ڏانهن لاڙو رکندڙ ليکڪ اچي وڃن ٿا، لراسائي، ٻيڙا ۽ تنهائيءَ جي ڳالهه ڪن ٿا، ته ڇا اهي زندگيءَ جون حقيقتون ڪونهن؟ پلا نراسائيءَ، ٻيڙا ۽ تنهائيءَ جي ذڪر لئه ڪرڻ سان ڇا انساني زلدگي انهن روڳن کان ڇوٽڪارو حاصل ڪري وٺندي؟ يا سماج جي پيدا ڪيل يا سماج ۾ پيدا ٿيل انهن بيمارين کي ظاهر ڪرڻ سان ئي انهن جو ڪو تدارڪ ڳولي وٺبو! منهنجي خيال ۾ ته جيستائين انساني الميا ٿيندا رهندا، تيستائين انهن کي ادب جو موضوع بڻائبو رهبو. ادب جي تاريخ ۾ الميا لکڻيون ئي مٿانهون مقام رکنديون آهن ۽ پڙهندڙن تي وڌيڪ تاثر ڇڏينديون آهن. ●

— ممتاز مهر

(س. ا. س پاران ڪراچي 10-مئي 1978ع تي سائنس ملهايل شام ۾ ڪيل تقرير مان روزانه "هلال پاڪستان" 13-مئي 1978ع ص. 5).

# رني ڪوٽ

غلام رباني

اڄڪلهه رني ڪوٽ کي دنيا جو وڏي ۾ وڏو قلعو سمجهيو وڃي ٿو. اهو تاثر ڪرنل خواجه عبدالرشيد جي هڪ مضمون مان پيدا ٿيو آهي، جو هن ڏهاڪو کن سال اڳ لکيو هو*. تن ڏينهن ۾ خواجه صاحب ڪراچيءَ جي جناح پوسٽ گريجوئيٽ ميڊيڪل سينٽر جو سپرنٽينڊنٽ هو. تاريخ ۽ آثار قديمه سان چاهه هئڻ ڪري، کيس سنڌ جي آثار قديمه ۾ به دلچسپي هئي. جڏهن کيس خبر پيئي ته لکيءَ جي جبلن ۾ آمريءَ کان ويهه-پاويهه ميل اولهه طرف هڪ تاريخي قلعو آهي، جنهن جي ايراضي ڪيئي ميل ٿيندي، تڏهن کيس دنيا جي انهيءَ عجوبي ڏسڻ جو اشتياق ٿيو. قلعو ڏسڻ بعد خواجه صاحب سنڌ شناسيءَ جي ڪن ماهرن سان خيالن جي ڏي وٺ ڪئي ۽ پوءِ 'اقبال ريويو جرنل' ۾ رني ڪوٽ تي مضمون لکيو. منهنجي خيال موجب، رني ڪوٽ تي اهو پهريون پهريون اهم علمي ۽ تحقيقي مضمون هو. خواجه صاحب رني ڪوٽ کي دنيا جو وڏي ۾ وڏو قلعو قرار ڏنو ۽ ان جي تعمير بابت ٽالپرن سان منسوب ٿيل عام مشهور روايت کي رد ڪندي، جناب جي- ايم سيد سان اتفاق راءِ ڪيو، ته رني ڪوٽ ايران جي ساساني بادشاهن جو ٺهرايل ٿو ڏسجي. خواجه صاحب جو چوڻ هو ته کيس وچ هندستان ۾ هڪ قلعو سجهي ٿو، پر اهو ارڙهن ميلن ۾ آهي ۽ رني ڪوٽ پاويهن ميلن ۾ آهي، انڪري رني ڪوٽ ئي دنيا جو وڏي ۾ وڏو قلعو آهي. خواجه صاحب جي مذڪور مضمون شايع ٿيڻ بعد رني ڪوٽ علم دوست ماڻهن جي توجهه جو مرڪز ٿي پيو ۽ اها ڳالهه پڻ تسليم شده قرار ڏني ويئي، ته اهو دنيا جو وڏي ۾ وڏو قلعو آهي.

هاڻي رني ڪوٽ بابت تقريرن ۽ تحريرن ۾ اها ڳالهه عام جام ورجائي وڃي ٿي، ته رني ڪوٽ دنيا جو وڏي ۾ وڏو قلعو آهي. ان سلسلي ۾ تازو هڪ مضمون 'هلال پاڪستان' ۾ شايع ٿيو آهي، جنهن جو لکندڙ جناب فضل قاضي آهي. قاضي صاحب جو مضمون هڪ قابل قدر ڪوشش آهي. قاضي صاحب سنڌ جي اڳوڻن عالمن جي روايت کي قائم رکندي، رني ڪوٽ کي ٽالپرن جو تعميراتي ڪارنامو قرار ڏنو آهي ۽ ان کي دنيا جو وڏي ۾ وڏو قلعو ڪوٺيندي چيو آهي، ته رني ڪوٽ ارڙهن ميلن ۾ آهي.

---

* خواجه صاحب جي انهيءَ مضمون جو ترجمو "مهراڻ" رسالي جي سال 3-1967ع ۾ ڇپيل آهي

منهنجي خيال موجب، رني ڪوٽ کي دنيا جي وڏن قلعن ۾ ته بلاشبه شمار ڪري سگهجي ٿو، پر ان کي دنيا جو وڏي ۾ وڏو قلعو سڏڻ لاءِ تحقيق ۽ ثابتيءَ جي ضرورت آهي. جيڪڏهن جناب فضل قاضيءَ جو اهو بيان صحيح آهي، ته رني ڪوٽ ارڙهن ميلن ۾ آهي، ته پوءِ ته رني ڪوٽ دنيا جو وڏي ۾ وڏو قلعو ٿي نٿو سگهي، ڇو ته سنڌ جي اوڀارينءَ سرحد تي راجستان ۾ هڪ قلعو موجود آهي، جو چوويهن ميلن ۾ آهي. مورخن ان کي ”ديوار چين“ سان تشبيه ڏيئي ”ديوار هند“ سڏيو آهي ۽ ٻڌايو آهي ته اهو قلعو راجستان جي راڻي ’ڪميا‘ اٽڪل 500 ورهيه اڳ، مسلمانن جي ڪاهن کي روڪڻ لاءِ اراولي ٻهاڙين تي ٺهرايو هو. راڻي ڪميا اهڙا پنڇهه قلعا ٻيا به ٺهرايا هئا.

مذڪور قلعي جي تصوير آمريڪا مان شايع ٿيندڙ نيشنل جاگرافيءَ جي فيبروري 1977ع واري پرچي ۾ شايع ٿيل آهي. نيشنل جاگرافي پنهنجي نوعيت جو منفرد ۽ دنيا ڀر ۾ مشهور رسالو آهي.

راجستان واري قلعي ۽ رني ڪوٽ جون تصويرون ڏيکڻ سان محسوس ٿيندو ته ٻئي قلعا هوبهو هڪجهڙا آهن ۽ ٻهاڙين جي مٿان ”ديوار چين“ جي نموني تي تعمير ٿيل آهن. تاهم ائين چئي ڪونه سگهبو، ته رني ڪوٽ به راڻي ڪميا جو ٺهرايل آهي، ڇو ته سنڌ ڪڏهن به راڻي ڪميا جي تابع ڪانه هئي.

جيڪي عالم ان راءِ جا آهن، ته رني ڪوٽ ڪنهن به صورت ۾ ٽالپرن جو ٺهرايل نٿو ٿي سگهي، تن جو دليل اهو آهي، ته جڏهن هزارين مزورن، ماهر انجنيئرن جي نگرانيءَ هيٺ، ورهين جا ورهيه ڪم ڪيو هوندو، تڏهن مس مس وڃي رني ڪوٽ ٺهي راس ٿيو هوندو. ايڏو خرچ ۽ ڪشالو ڪا اهڙي حڪومت ئي برداشت ڪري ٿي سگهي، جنهن وٽ وڏي سلطنت هجي ۽ اڻ ميو ڌن دولت هجي. انڪري اها ڳالهه ٽالپرن جي وس کان ٻاهر هئي، ڇو ته بقول پير حسام الدين راشدي، ٽالپرن سنڌ تي سؤ سال به حڪومت ڪانه ڪئي ۽ پنهنجيءَ حڪمرانيءَ جي سڄي دور ۾ هنن ڪٿي به ڪو ايڏو وڏو تعميراتي ڪارنامو سرانجام ڪونه ڏنو، جو رني ڪوٽ جي تعمير ڏانهن منسوب ڪرڻ لاءِ جواز پيدا ٿي سگهي. ٻيو ته ٽالپرن جي رهڻي ڪهڻيءَ بابت تاريخن ۾ جيڪي مواد ملي ٿو سو، ان ڳالهه جي شاهدي ڏئي ٿو ته هو سادگي ۽ قناعت پسند حاڪم هئا ۽ شڪارگاهن جا شوقين هئا. اهو ممڪن آهي ته هنن رني ڪوٽ جي مرمت ڪرائي هجي يا رني ڪوٽ اندر ميريون ۽ شيرڳڙهه نالي جيڪي ننڍا قلعا آهن، تن جي تعمير ڪرائي هجي.

ٽالپرن کان اڳ ماضيءَ ۾ سنڌ جي ٻي به ڪا اهڙي حڪومت ڪانه ٿي سڄهي، جنهن رني ڪوٽ جي تعمير ۾ هٿ وڌو هجي، انڪري ڀانئجي ٿو ته رني ڪوٽ ان وقت تعمير ٿيو هوندو، جڏهن سنڌ ايران جي ساساني بادشاهن جي سلطنت جي هڪ اقليم هوندي، جيڪي فوجي بچاءَ جي لحاظ کان سرحدن تي وڏا وڏا قلعا ٺهرائيندا هئا.

# المنصوره برهمڻ آباد - 1

## مير حاجي محمد بخش خان ٽالپر

تاريخ جي ڄاڻن ۽ ماهرن کان ته منصوره ۽ برهمڻ آباد جو ذڪر ڪو ڳجهو نه آهي. اها ٻي ڳالهه آهي ته سنڌ جي تاريخ تي تحقيقي ڪم گهٽ قليل آهي. البت هاڻ جو الهيءَ قديم کنڊر جي ڪجهه سالن کان پاڪستان جي آثار قديمه وارا کوٽائي ڪري رهيا آهن، اهي ڳالهيون ڪڏهن ڪڏهن اخبارن ۾ به ڇپجنديون رهنديون آهن؛ جن ۾ ڪڏهن ڪنهن مسجد جي ڪتبي ملڻ جو اظهار ته ڪڏهن ڪنهن عربي ورق جي ملڻ جو ذڪر هوندو آهي ته ڪڏهن تاريخ کان اڻڄاڻ صاحبن جا رايا ڇپجندا رهندا آهن. تاريخ ۾ آثار قديمه ڪجهه نه ڪجهه رهنمائي ضرور ڪري ٿي سگهي، نه ته به علمي تحقيق جو دروازو ضرور کوليو وڃي. اڃا ڪا واضح ۽ مڪمل رپورٽ ته شايع نه ٿي آهي. مون تازي کوٽائيءَ کان اڳ به ٻه ڀيرا ان کنڊر جو ديدار ڪيو آهي. تازو 77-1-26 تي کنڊر کي ۽ ان مان ڪجهه هٿ آيل سامان کي ڏسڻ جو ٻيهر وجهه مليو. کاتي جي آفيسرن سان خيالن جي ڏي وٺ به ٿي ۽ جيڪا کوٽائي ٿي رهي آهي، يا ٿي چڪي آهي، اها به ڏٺيسين. هن مضمون ۾ اسين هيٺين ڳالهين جو جائزو گهڻو ڪري وٺنداسين:

1. منصوره ڪنهن، ڪڏهن ۽ ڇو ٺهرايو؟
2. منصوره جو ماڳ ۽ هند ڪٿي آهي؟
3. منصوره تي سردبون گرميون.
4. منصوره جو زوال:

### منصوره جو ٺهرائڻ:

ابن خردازبه (سن 250) هجري منصوره جي جڳهه سنڌوءَ جو ڪنارو ٻڌائي ٿو(1). ابن خردازبه پاڻ سنڌ ۾ ڪونه آيو هو، البت خليفي معتمد عباسيءَ جي زماني ۾ ٽپال ۽ خفيه اطلاعات جي محڪمي جو آفيسر هو، ان ڪري ڪيس ملڪ جي چڱي واقفيت هئي ۽ هن بطلموس يونانيءَ جي جاگرافيءَ مان به استفاده ڪيو آهي. هو اهو ڪونه ٿو ٻڌائي، ته منصوره ڪنهن ٺهرايو ويو آهي، يا برهمڻ آباد سان ان جو ڪهڙو ناتو آهي.

الور تائين هئي، ان کان پري ملتان جي حڪومت هئي ۽ ٻڪيڙجي لحاظ کان ملتان کان وڏي رياست هئي. شهر کي چار دروازا هئا: باب البحر، باب الطوران، باب سندان ۽ باب ملتان (35).

ابن حوقل 350هه ۾ سنڌ ۾ آيو هو. مسعودي 300هه ۾ سنڌ ۾ آيو هو، اهو لکي ٿو ته: منصوره جي حڪومت ۾ جي شهر ۽ ڳوٺ آباد آهن، انهن جو تعداد 3 لک آهي (36).

هن رياست جي زراعت، خوشحالي ۽ علم ادب جو به ذڪر ڪيو آهي، پر ڊيگهه جي خوف کان ان ذڪر کي ڇڏيون ٿا.

## منصوره جي تباهي.

افسوس، جو عربن جي تعلق ٽٽڻ سبب، تاريخ ۾ ته منصوره جو ذڪر ختم ٿي ويو، البت هبارين جي دور حڪومت جي شروع ۽ وچ ۾ سياحن ۽ جاگرافيدانن جو ڪجهه ذڪر ڪيل آهي. پوءِ ٿورو گهڻو ذڪر فقط غزنوي حڪمرانن جي سوين وسيلي ملي ٿو. 375 هجري تائين منصوره جي حڪومت هبارين وٽ هئي، اهڙي شهادت بشاري مقدسي کان ملي ٿي. منصوره تي حملو سلطان محمود غزنويءَ سومنات فتح ڪندي گجرات مان موٽندي ڪيو. سلطان، ملتان مان 2 شوال 416هه 26 نومبر 1025ع جي جيسلمير جو ٿر وارو رستو وٺي نڪتو، ساٿس 30،000 هزار باقاعدي فوج ۽ سوين رضاڪار مجاهد هئا ۽ 20،000 اٺ ته رکيو پاڻي کڻڻ لاءِ هئا (37). ڪڇ جي رستي موٽندي سومنات جي پوڄارين هن کي غلط رستو ڏسيو، جتان مشڪلات سان سنڌ ۾ پهتو (38).

عوافي ته اجا به هڪ وڏيڪ دلچسپ حقيقت ٿو ٻڌائي، ته جڏهن سلطان محمود رڻ مان جند ڇڏائي ٻاهر نڪتو، ته هڪ ڳوٺ نظر آيس، جت هڪ علوي (اولاد علي امير) جو گهر هو، جنهن کان رستي جو ڏس پڇيائين، هو پوڙهو ۽ ضعيف هو، پر چيائين ته ٻئي ڳوٺ مان ڪيس ڏس ملي ويندو، جيڪي رستي جا چڱيءَ ريت واقف آهن. سلطان، علوي ۽ سندس پٽن کي اٺ تي چاڙهي ٻئي ڳوٺ ۾ وٺي آيو، جتان سونهون ڪٺي اچي آباديءَ واري زمين تي پهتو (39). اها خبر نه آهي ته سلطان ڪٿان رڻ آڪريو، پر ٻڪ سان اهو علوي ڪيس يا ته رحمڪي ٻزار، وڳهه ڪوٽ وٽان يا وري ٿر جي سنڌ واري ڪناري کان مليو هوندو، پر ان وقت علوين جي هئڻ جو ثبوت پڪو آهي ۽ اهو به ثابت ٿو ٿئي، ته اهي منصوره کان به ٻري دوردراز شهرن ۾ رهندڙ هئا، پر علوي سنڌ ۾ ڪجهه تعداد ۾ بلڪ منصوره جي شهر ۾ 3 صدي هجريءَ ۾ به رهندا هئا، انهن جو ذڪر ته مشهور تاريخدان مسعودي به ڪيو آهي:

منهنجي منصوره جي پهچڻ جي زماني ۾ ابوالمنذر عمر بن عبدالله بادشاهه هو، اتي هن جي وزير رياح ۽ سندس پٽن محمد ۽ علي کي ڏٺم ۽ هڪ ٻئي عرب سردار کي جو

(6) عرب و هند کي تعلقات، ص 336.

(7) Arab Kingdom of Al-Mansurah, P 71, بحوالہ اصطخري ص 171-73

(8) عرب و هند کي تعلقات، ص 38.

(9) Arab Kingdom of Al-Mansurah P 67-68.

(10) Arab Kingdom of Al-Mansurah P 70. بحوالہ ياقوت حموي ص 177

(11) ايڪ عرب سياح کي مشاهدات ڪا اردو ترجمو، ص 263.

(12) تاريخ سنڌ اعجازالحق قدوسي (اردو اڪادمي) ص 425.

(13) عرب و هند کي تعلقات، ص 307.

(14) تاريخ سنڌ جلد 2 ص 163-162 بحوالہ ابن خلدون.

(15) Arab Kingdom of Al-Mansurah, P 211.

(16) تاريخ سنڌ مولوي نورمحمد نظاماڻي، جلد 2 ص 46 کان 48 بحوالہ تاريخ يعقوبي.

(17) تاريخ سنڌ مولوي نظاماڻي جلد 2 ص 52 کان 54 بحوالہ يعقوبي، بلاذري.

(18) تاريخ سنڌ مولوي نظاماڻي ص 55 بحوالہ ڪامل ابن اثير.

(19) تاريخ سنڌ اعجازالحق قدوسي جلد اول ص 258 بحوالہ تاريخ ابن اثير.

(20) تاريخ سنڌ مولانا ابوظفر ندوي بحوالہ يعيوبي ج 2، ص 448.

(21) تاريخ سنڌ مولانا نظاماڻي جلد 2 بحوالہ يعقوبي ۽ ابن اثير.

(22) تحفة الڪرام از سيد حسام الدين راشدي تعليقات ص 622.

(23) تاريخ سنڌ اعجازالحق قدوسي جلد 2 ص 266.

(24) تاريخ سنڌ مولانا نظاماڻي، جلد 2 ص 92 بحوالہ يعقوبي.

(25) تاريخ سنڌ مولانا نظاماڻي، 105 بحوالہ يعقوبي.

(26) تاريخ سنڌ مولانا نظاماڻي، ص 109-105 بحوالہ يعقوبي.

(27) تحفة الڪرام حسام الدين راشدي تعليقات ص 662.

(28) تاريخ سنڌ مولانا نظاماڻي، جلد 2 ص 130 بحوالہ بلاذري.

(29) تاريخ سنڌ اعجازالحق القدوسي جلد 2 ص 285 ۽ تعليقات تحفة الڪرام ص 663.

(30) Arab Kingdom of Al-Mansurah by Dr: Pathan, P 91, Al-Baladhuri p 450,

(31) Arab Kingdom of Al-Mansurah by Dr: Pathan, P 91.

(32) Arab Kingdom of Al-Mansurah, P 93.

(33) Arab Kingdom of Al-Mansurah, P 94.

(34) الاعلان بالتوبيح مترجم اردو ڊاڪٽر سيد محمد يوسف مرڪزي اردو بورڊ لاهور ص 328.

(35) تاريخ سنڌ اعجازالحق قدوسي حصہ اول ص 95 بحوالہ ابن حوقل.

(36) عرب و هند ڪي تعلقات ص 346 بحوالہ مروج الذهب جلد 1، ص 378.
(37) Sultan Mahmood of Ghazna by Dr: Mohd Nasim, p 120.
(38) Sultan Mahmood of Ghazna P 119 by Farkh F. 25A, A wfi f 179, Majmaul Ansab f 239 a, Tab nasri P 82, and Fatuhu's Salatin f 38. b.
(39) History of India by Elliot Repmled Vol: ii P 190.
بحوالہ جامع الحڪايات محمد عوافي 1232ع.
(40) عرب و هند ڪي تعلقات ص 343 بحوالہ مروج الذهب مسعودي جلد 1، ص 377.
(41) تاريخ تحفة الڪرام مطبوع ادبي بورڊ سنڌي ترجمہ ص 288-289.
(42) نزهتہ الخواطر اردو جلد اول مؤلف علامہ سيد عبدالحي حسني، ص 109-110.

---

● ڪابہ ٻولي- ڀوءِ ڀلي ڪٿي آها لڪن جي آبادي ڳالهائيندي هجي، يا ڪروڙن ماڻهن جي ڳالهائڻ جو وسيلو هجي پر تيستائين گونگي ليکي ويندي، جيستائين اها قلم جي وٽ ۾ نہ آئي آهي.

-ظفر لشاري

(ٿماهي 'سرائڪي'، ص 3 تان.)

● اسان وٽ ڪلاسيڪي چوٽي آهي، تہ گند کي ڦلهوربو تہ ڍپ ڪندو. هن نئين دؤر ۾ اسين سچ کي لڪائڻ جي خلاف آهيون. اسين سڀ حقيقت پسند آهيون، پر ان سان گڏ مهذب ٻڻ آهيون. اسين سچ کي، حقيقت کي، ڪپڙا پهرائي پيش ڪندا آهيون.

-شوڪت حسين شورو

('رُڃ ۽ ڀڙاڏا' تان.)

# ادب جون ٻہ اهم تحريڪون: ڪلاسيڪيت ۽ رومانيت

## ممتاز مهر

برک نقاد ايڊمنڊ ولسن پنهنجي ڪتاب AXEL'S CASTLE ۾ لکي ٿو: "اسين هاڻي ٻہ ڪلاسيڪيت ۽ رومانيت کي بحث هيٺ آڻيندا آهيون ۽ جڏهن اسان کي نوان ادبي مسئلا درپيش هوندا آهن، تڏهن عام طور تي ڪين انهن جي ئي روشني ۾ پرکيندا آهيون."

ادب جي تاريخ ۾ ڪلاسيڪيت ۽ رومانيت ٻہ اهم تحريڪون ٿي گذريون آهن، جن جو اثر جديد ادب تي رهندو ٿو اچي.

**ڪلاسيڪي ادب:** هيءُ اهو ادب آهي، جيڪو پنهنجي ابديت ۽ آفاقيت، گهرائي، حسن ۽ صداقت جي ڪري زماني جي طوفانن ۽ انقلابن تي حاوي ٿي ويو هجي. حالتون بدلجن ٿيون، پر اهڙي ادب جي عظمت ۾ ڪو فرق نٿو اچي. اهوئي ڪلاسيڪي ادب آهي جنهن ڪان لطف اندوز ٿيڻ لاءِ مزاج، ذوق، عمر، ٻوليءَ وغيره جا اختلاف بہ حائل نٿا ٿين. هن قسم جي ادب تي قلم کڻڻ وقت نقاد بہ ڏاڍي خبرداريءَ کان ڪم وٺندا آهن. سافوڪليز جا ڊراما قديم ڪلاسيڪي ادب جا شاهڪار سمجهيا وڃن ٿا. ڪلاسيڪي قدرن جا حامي رڳو اهڙين شين کي پسند ڪن ٿا، جيڪي زماني جي ڪسوٽيءَ تي پوريون اچن ٿيون. يعني هر اها شيءِ جنهن مختلف دورن ۾ عام قبوليت حاصل ڪئي هجي، سا اڄ بہ اسان لاءِ قابل قبول هوندي آهي. ڪلاسيڪي مزاج رکندڙ هئيت پرست آهن. هو نثر ۽ نظم ۾ تنظيم، تناسب ۽ توازن تي زور ڏيندا آهن ۽ اصول ۽ ڪردار لاءِ نموني (Type) جي پابنديءَ کي لازمي سمجهندا آهن. فرانسيسي نقاد بوالو (BOILEAU) جو چوڻ آهي تہ فقط اها شيءِ حسين آهي جنهن ۾ صداقت هجي. آرٽ جو مقصد آهي خوشي ۽ مسرت جي تخليق ڪرڻ: فيصلو اهو ڪرڻو آهي، تہ انسان جي فطرت جا اهي ڪهڙا عنصر آهن، جيڪي دائمي ۽ عالمگير آهن. اديب جو فرض آهي، تہ هو صفائي، صحت، ترتيب، ضابطي ۽ نفاست کي پيش نظر رکي؛ ڇاڪاڻ تہ فطرت جي تقاضا اها ئي آهي. بوالو جي خيال موجب قديم ادب جي اڀياس سان، اسان پنهنجي عقل کي وڌيڪ روشن ڪري سگهون ٿا، سچ ۽ ڪوڙ، عام ۽ خاص، پائيدار ۽ ناپائيدار ۾ فرق سمجهي سگهون ٿا.

ڪلاسيڪي اصولن ۾ هئيت (Form) کي خاص اهميت ڏني ويئي آهي. ڪلاسيڪي اثر هيٺ ليکڪ جي اها ڪوشش هئي، تہ هو جيڪي ڪجهہ لکي، خاص طرز ۾ لکي ۽ هئيت جي اصولن جي پابندي ڪري.

ميٿيو آرنلڊ جيڪو ڪلاسيڪي نقطهٔ نظر جو حامي هو، پلاٽ ۽ عمل (Action) کي اوليت ڏئي ٿو ۽ موضوع لاءِ گنڀيرتا کي ضروري سمجهي ٿو. سندس خيال هو ته رڳو اهي موضوع سٺا هوندا آهن، جيڪي بنيادي انساني احساسن کي شديد نموني ۾ متاثر ڪندا هجن. شاعر جو ڪم آهي، ته هو گنڀير موضوعن کي گنڀير اسلوب (Style) ۾ پيش ڪري.

ڪلاسيڪي اصولن موجب ڏيکاءُ ۽ بناوت جي ضرورت ڪانهي. سادگيءَ ۾ به حسن آهي. گهڻا خيال اهڙا هوندا آهن جن ۾ صداقت ته هوندي آهي، پر جيئن ته انهن کي حسن ۽ خوبيءَ سان پيش نٿو ڪيو وڃي، تنهنڪري پنهنجي اصلي جاءِ کان هيٺ ڪري پون. صداقت لاءِ اهو به ضروري آهي، ته جنهن به نموني ۾ ڪنهن خيال کي پيش ڪيو وڃي، اهو وڻندڙ، صحتمند ۽ حسن جي زيورن سان سينگاريل هجي. هر تصور لاءِ تيز لفظن جي چونڊ ضروري آهي، جن کي خاص ضابطي سان ادا ڪيو وڃي ۽ جنهن لاءِ اديب فڪر، محنت ۽ رياضت ڪئي هجي.

## رومانوي تحريڪ:

نوس ڪلاسيڪي قدرن ۽ ضابطن جي خلاف ردعمل جديد طرز احساس جي ابتدا هئي. ارڙهين صديءَ جي عقليت پسندي ۽ رائج ڪلاسيڪي ضابطن جي سخت گيريءَ خلاف، انساني جذبن ۽ احساسن جي حق ۾ ردعمل انهيءَ صديءَ ۾ ئي شروع ٿيو. ارڙهين صديءَ جي شروعات ۾، عام تصور اهو هو، ته انسان جي امتيازي وصف سندس عقل آهي، پر صديءَ جي آخر ۾ اهو تصور عام ٿيو، ته انسان جي فطرتي خاصيت سندس احساس آهن. ظاهر آهي، ته جيڪڏهن انسان جي فطري ۽ امتيازي خاصيت سندس احساس آهن، ته پوءِ فن ۽ ادب ۾ انهن جو اظهار فني ۽ ادبي خوبي ليکي ويندي. مشهور انگريزي شاعر ورڊس ورٿ جو چوڻ آهي، ته شاعري احساسن جي تاريخ يا سائنس آهي، سو اهو تصور ته ادب ۽ آرٽ ذات جو اظهار آهي، ارڙهين صديءَ ۾ شروع ٿيو ۽ ڪنهن نه ڪنهن شڪل ۾ اڻويهين صديءَ کان ٿيندو ويهين صديءَ تائين پهتو.

رومانيت (Romanticism) فرد جي بغاوت هئي. اهو ڪلاسيڪيت (Classicism) کان هڪ باغيانه انحراف هو، جنهن جي اصولن اظهار تي سخت پهرو لڳائي ڇڏيو هو. وائيٽ هيڊ (White Head) پنهنجي هڪ اهم تصنيف 'Science and the Modern World' ۾ لکي ٿو ته "رومانوي تحريڪ ان ميڪانڪي نظريي جي خلاف ردعمل هئي، جنهن جو محرڪ صنعتي انقلاب هو." رومانوي فنڪار ۽ ليکڪ جي ويجهو ڪائنات مشينن کان وڌيڪ پرسرار آهي ۽ منطقي جبريت (Logical determinism) جي طابع ڪانهي. ساڳيءَ طرح انسان جي داخلي زندگي سادي ڪانهي، اها انيڪ الجهنن ۽ تضادن سان ڀريل آهي. انسان جو

ذهن ايترو محدود ڪونهي، جو ان کي ٿيورين ۾ قيد ڪيو وڃي. لاڪ جي تجربي فلسفي (Emprical Philosophy) ۽ تجربي نفسيات (Emprical Psychology) جي اثر هيٺ ادب ۽ ادبي تنقيد هڪ نئين وات ورتي ۽ ذهن جي تجربي ڪرڻ جو لاڙو پيدا ٿيو.

عام طرح سان چيو ويندو آهي، ته 'رومانيت' ادب ۽ زندگيءَ جي فرسوده رسمن جي خلاف بغاوت هئي... انفرادي احساس ۽ سوچ جي هڪ سوڀ هئي؛ پر رومانيت انهيءَ کان به وڌيڪ هڪ پيچيدو معاملو هو، ڇاڪاڻ ته 'رومانيت' جا ايترائي قسم آهن، جيترا روماني فردن جا، پر انهن فردن ۾ ڪي هڪ جهڙيون وصفون هيون، انهن وصفن جي ميلاپ جو پيو ڄالو روماني ذهنيت آهي.

انهيءَ روماني ذهنيت جي تصور ۽ مفهوم کي سمجهڻ لاءِ، روسو (Rousseau) کي اڪثر رومانيت جو روحاني ابو ڪوٺيو ويندو آهي. روسو انفراديت پسندي، آزادي، فطرت ۽ انسان سان محبت ۽ جذبي جي قدرافزائيءَ جو قائل هو. هو زندگيءَ کي لامحدود ۽ ممڪنات سان ڀرپُر سمجهندو هو ۽ انسان کي ڪائنات جو مرڪز سمجهندو هو، جنهن ۾ بي انتها امڪان لڪل هئا. روسو جو چوڻ هو، ته جيڪڏهن سماج جي تنظيم فطري اصولن موجب ڪئي وڃي، جنهن ۾ فرد جي آزادي برقرار رهي سگهي، ته فرد پنهنجي لڪل امڪانن کي عملي جامو پهرائي سگهي ٿو ۽ اهڙيءَ طرح سان سڀني انسانذات جي ترقي ممڪن ٿي سگهندي. روسو جو چوڻ هو، ته آزاديءَ سان تخليق ڪيل ادب ئي جاندار ٿي سگهي ٿو. هن جذبي کي عقل کان مٿاهون درجو ڏنو.

ڪن نقادن جو اهو ويچار آهي، ته رومانيت کي ڪلاسيڪيت جو ضد چوڻ غلط آهي، اها اصل ۾ ان جي تڪميل هئي. روماني اديبن گهڻن ئي ڪلاسيڪي روايتن کي ڪونه ڇڏيو ۽ ڪڏهن به ماضيءَ کان پوريءَ طرح سان بي تعلق ڪونه رهيا. ايترو چئي سگهجي ٿو ته روماني تحريڪ ادب کي نون خيالن ۽ تصورن کان واقف ڪيو، جيڪي ڪلاسيڪي تصورن کان مختلف هئا.

●

ذميدار ليکڪ سماج جو سجاڳ ضمير هوندو آهي. سماج کي پنهنجي ضمير کي سڃاڻڻو پوندو، ڪيس پڌرو پوندو، ڪيس موت ڏيڻي پوندي، تيستائين ليکڪ انتظار ڪندو رهندو!

— ممتاز مهر

(س. ا. س پاران ڪراچيءَ 10- مئي 78 تي سائنس ملهايل شام ۾ ڪيل تقرير مان. روزانه هلال پاڪستان، 13- مئي 78، ص 5.)

۾ ڳالهہ ڪري سگھون ٿا: پروفيشنل قسم جي تنقيد جي شروعات بہ ڪري ٿا سگھون. شعر، ڪهاڻيءَ يا ناٽڪ تي عملي تنقيد لکون تہ ڪر ڏاڍو چڱو.........

- الهداد ٻوهيو
خيرپور ميرس، سنڌ.

● ظفرحسن هڪ پيري چيو هو تہ "ليڪڪن ڪي اجورو بہ ڏنو ويندو". تنهن تي ڪيترو عمل ٿيا ڪريو؟ سرورق جي نواڻ سٺو سوڻ آهي، پر ان تي ايڊيٽر جو نالو ائين ٿو لڳي، ڄڻ ڊزائين فتاح جي نہ، پر امداد حسينيءَ جي ٺهيل آهي. ٻيو تہ تصوير ۾ ڪٽ ڏيکارڻ سان اُن جي (Depth) ختم ٿي ويئي آهي. تيون تہ ڪاري رنگ تي اڇي رنگ جو استعمال (Source of light) جي خيال کان نہ، پر ٿڌي چنڊ جي خيال کان وڌيڪ اجاگر ڪري ٿو. شاعري تمام گھٽي مقدار ۾ ڏنل آهي، جن مان ڪجهہ شعر سٺا آهن. رسول ميمڻ جا ٻئي نظم موضوع توڙي خيال جي گهرائي رکن ٿا. منظرنگاريءَ ڪي احساس جي آتش سان اثرائتو ڪري بيان ڪرڻ جو ڏانءُ رسول ۾ گھڻو ۽ سٺو آهي. "چپ چپ سان جڙي پوءِ بہ سانت ۾، سمايل هوندي رڙ". تمام سٺو ٽيڙو آهي. رسول جي ٻئي نظم جي هڪ سٽ "چا ڪؤنرا بادل ها- ڄڻ ململ جو گهونگهٽ هيو". جي رديف تي نظرثاني ڪرڻ جوڳي آهي؛ ڇو تہ شعر پڙهندي سٽ جي لفظن جون ماترائون ليءِ جي مدار تي آهستي، لاليد ڏئي ۽ 'گهونگهٽ' تي زور ڏيئي پڙهبو تہ پورو پوندو، جيڪر نظم جي سڄي موسيقيت کان ٿورو الڳ ٿو لڳي. منظور قريشيءَ 'هڪ ميرانجهڙي سانجهي' نظم رچي، اونداهيءَ ۾ آئيندڙ روشنيءَ جي ترورري ڪي آجهاڻن جو ذڪر ڪيو آهي، جيڪو لاڙو ڏاڍو غير ترقي پسند آهي. هڪ تہ ڇر جي چنبڙي جو ذڪر بہ مشاهدي ۽ ڄاڻ جي کهٽتائيءَ جو باعث آهي؛ ٻيو تہ سنڌيا جي پيت لاءِ آندل ڏيٺو آجهاڻن جو خيال ڏيئي شاعر جيڪي چوڻ چاهي ٿو، سو السائي ترقيءَ جي خلاف نظريو آهي، جنهن جي ٺيرائي کهٽ ۾ کهٽ منظور جهڙي سڄاڻ ڪي نہ ڪرڻ گهرجي. عثمان ميمڻ جي طويل نظم ۾ سوچ ساگر جي ڇولين ۾ لفظن جو ڇوهہ بي اختيار آهي. هن نظم کي مهراڻ لاءِ عثمان ميمڻ پاڻ ڪاٽيو آهي يا توهان ايڊٽ ڪيو آهي؟ عنايت ميمڻ جي غزل جو هڪ بند "قلم جو مُلهہ ڪيو ٿا ڪنهن لئہ، سورنهن سالي ڇوري ناهي." ڏاڍو وڻندڙ ۽ نکور آهي. مختار ملڪ جو شعر سٺو آهي. اڄڪلهہ شاعر ڏاڍا ٻيا پيدا ٿين! جا ڳالهہ مون کي ڏاڍي سرهائي تي ڏئي. رحيم بخش قمر جو شعر خيال جي اعتبار کان ڏاڍو پراڻو آهي. هن شعر ۾ مارئي ڏاڍي هيٺي، نبل ۽ مايوس آهي، جا ڳالهہ بہ تاريخي اعتبار کان غلط آهي. "اڄ جي شاعري" جيون جي اٽڪت سفر ۾ پيرپائي چڪي آهي. هٽ تي هٽ ڏري ويهڻ ۽ مايوسيءَ کي تياڳي، اڄوڪو شاعر عمل، جدوجهد ۽ زندگيءَ جي حقيقت جو سبق ڏئي رهيو آهي.

مون سمجهيو ٿي تہ اسان جا شاعر ڪتبا لکڻ ڇڏي ڏيندا، پر منهنجي اميد اجائي نڪتي. سوچيان ٿو، جڏهن ڪنهن کي پنهنجي مرڻ جي اڳواٽ ڪا خبر نہ آهي، تہ بنا تاريخ ڏيڻ

● 'مهراڻ' 1978/1ع ۾ سنڌيءَ جي تقريباً وڏن ليکڪن جون ڪهاڻيون هيون، جن اڳ جيان ٻاڻ وڻايو آهي، پر ڪيهر شوڪت جو اصل وڏو قصو سمجھ ۾ نہ آيو. ايڏي ڏيگھہ سو بہ خشڪ لفظن ۾ (!) اسيم ڪرل جي مخصوص لکڻيءَ مان جيڪا چاشني پڙهندڙن کي ملندي آهي، آها هن جبل جهڙي مڙس کان وڌيڪ وڻندڙ آهي. ناٽڪ پنهنجو مٽ پاڻ آهي.

-ممتاز عباسي لاڙڪاڻو سنڌ.

● هن سماج ۾ جتي نفسانفسيءَ جو عالم آهي، جتي پين جي حقن ۽ مفادن کي لتاڙي، ترقيءَ جي چوٽين تي پهچڻ واري کي عزت دار ۽ دولت جي ڊوڙ ۾ پين کي ٿونٺيون هڻي ۽ ڌڪا ڏيئي ڪيرائڻ واري کي ڪامياب انسان سمجهيو وڃي، آتي مولائي شيدائي ۽ عبدالڪريم گدائي جهڙن مولائي مڙسن جو رهڻ بہ معجزي کان گهٽ ڪين هو. اهي پنهنجي فن جا عظيم انسان هن خود غرض سماج ۾ ٿڌي هوا جو جهوٽو هئا. لالچ ۽ لوڀ کان پڄندڙ، اپري سپري تي راضي رهندڙ، غريبن جا دوست، ادب ۽ ٻوليءَ جا عاشق ۽ قلندر طبعيت هئا. مولائي شيدائي 'جنت السنڌ' لکي، سنڌي ٻوليءَ تي وڏو احسان ڪيو آهي. گدائي ماضي، حال ۽ مستقبل جو شاعر هو. سندس پيغام انسانيت لاءِ هو. هن غريبن، مسڪينن، هارين ۽ مزدورن کي ڳايو. هن ڏينهن کي ڏينهن چيو ۽ رات کي رات. اها حقيقت آهي تہ قومن ۽ ملڪن ۾ وڏا ماڻهو ڪڏهن ڪڏهن پيدا ٿيندا آهن. سندن حياتيءَ جو دور تاريخي دور هوندو آهي، اهي تاريخ تي حاوي هوندا آهن. گدائي مسڪين پر عظيم هو. سندس عظمت ظاهر آهي. هن تقدير کي بدلائڻ لاءِ جدوجهد ڪئي. تقدير کي بدلائڻ وارا عظيم ٿيندا آهن.

اسان مان گهڻن کي سندس وفات جي خبر بہ مهيني بعد پئي. اها آهي اسان جي بيوسي، لاتعلقي ۽ بيگانگي. آخر اسان انسان جو قدر سڃاڻڻ ڪڏهن سکندا سين! اسين 'مهراڻ' مان ۽ سنڌي ادبي بورڊ مان اميد رکي سگهون ٿا، تہ هو گدائيءَ تي ڪجھ نہ ڪجھ شايع ڪرائي. 'مهراڻ' جي رسالي بہ سندس شعر ڏيئي پنهنجي جند ڇڏائي آهي. اسان کي ائين ڪرڻ سونهي ڪونہ ٿو، پر مرضي اوهان جي، دڪان بہ اوهان جا آهن، مالڪ بہ آهيو، خريدار ڇا ڪندا؟ جيڪي ڏيندؤ، سو وٺندا.

هن ڀيري 'مهراڻ' سونهن ۽ سوڀيا ۾ سرس آهي. شعر ۽ مضمون تمام ڀلا آهن. ڪهاڻين ۾ علي بابا جي 'ڪروڌ ۽ بہ ماڻهو' ۽ رزاق مهر جي 'مومل سوءِ ڪان پوءِ......' تمام سٺيون آهن. علي بابا جو ناٽڪ 'ڪارونجهر جي ڪور' هن دفعي جي پرچي جي سونهن آهي. اوهان جون ڪوششون 'مهراڻ' کي بلندين تائين ضرور پهچائينديون. اوهان اهڙي ڪوشش ورتي ۽ وقت سر پرچو ڪڍيو تہ خريدار بہ چاهہ ۽ شوق مان وٺندا. هينئر 'مهراڻ' تمام گهڻو مقبول آهي. جي اوهان 'مهراڻ' کي سنڌ جي چڱن شهرن ۾ پهچائڻ جي ڪوشش ڪريو، تہ ڪيترائي نوان خريدار پيدا ٿي پوندا.

-صديق سنڌي
ڳوٺ قائم پير، سنڌ.

● هتي سنجهوري ۾ سنڌي رسالن ماڻ لاءِ بندوبست ڪونهي. مهرباني ڪري 'مهراڻ' هتي پهچائڻ لاءِ بندوبست ڪندا.

—سورٺ
سنجهورو، سنڌ.

● توهان جون ڪاوشون ۽ ليڪڪن جون معياري لکڻيون، اهو سڀ ڪجهه ساراهه جوڳو آهي. 'مهراڻ' ۾ اڃا به ڪو نئون رنگ پيئيو، ٽائيٽل ڪي قابل قدر بڻايو.

—شهناز ميمڻ
خيرپور ميرس، سنڌ.

● 'مهراڻ' سنڌي زبان جو معياري رسالو آهي، پر اڃا ان ۾ هڪ ڪمي آهي، سا آهي رسالي جي 'ڏسڻي' (Index). پر جيئن ته پاڪستان ۾ 'ڏسڻي' ڏيڻ جو رواج ڪونه آهي، ان ڪري توهان سان هيءَ شڪايت نه، پر عرض ٿو ڪجي، ته جيڪڏهن رسالي جي هر جلد جي آخري شماري ۾ 'ڏسڻي' ڏني وڃي ته رسالي جي اهميت ۾ اڃا وڌيڪ چار چنڊ لڳي ويندا.

—لطف الله آچر
ڪراچي يونيورسٽي، سنڌ.

● 'مهراڻ' جو تازو پرچو پڙهيم. بهترين ڇپائي ۽ بهترين مواد سان سندس سونهن ۽ چمڪ ۾ جيڪا دل موهيندڙ ڳالهه هئي، سا شايد سنڌيءَ جي ڪنهن به رسالي ۾ ڪونهي.

—زاهده شيخ
لاڙڪاڻو.

● منهنجي نظم "مٽ" ۾ تنهنجي ڦيرگهير ٺيڪ ۽ جائز لڳي؛ پر پنهنجي شعرن ۾ تنهنجي استادي قبول ڪرڻ جوڳي نه آهي. شاعريءَ ۾ پاڻ کان سواءِ ذوالفقار سيال، شيخ اياز، تاج جويو، بشير سيتائي، ادل سومرو ۽ ايس. لسرين گهڻو پسند آيا. علي بابا جي ڪهاڻي "ڪروڌ ۽ به ماڻهو" پنهنجي ڪهاڻين جي پيٽ ۾ اتم آهي، پر البر ڪاميو جي ناول "The Fall" جو اولڙو منجهس چٽو نظر ٿو اچي؛ تڏهن به مانڪ ۽ مدد عليءَ جي ڪهاڻين کان هيءَ ڪهاڻي وڌيڪ وڻندڙ ۽ ڇڪيندڙ آهي. Stream of Conciousness ٽيڪنڪ تي لکيل سنڌي ڪهاڻين ۾ هن ڪهاڻيءَ کي ڪامياب ڪهاڻي چئي سگهجي ٿو. قاضي خادم جي ڪهاڻي نه ته انٽليڪچوئلس جي ڪم جي آهي ۽ نه ئي ڪامريڊ حضرات جي. اهڙي اجائي لباڙ ۽ فضول لفاظيءَ کي خبر نه آهي ته 'مهراڻ' ۾ ڪهڙي ناتي جڳهه ملي ويئي. پنهنجي ڪهاڻيڪارن ۾ ظفر حسن ۽ حميد سنڌيءَ جون ڪهاڻيون داد ڏيڻ جوڳيون آهن؛ خاص ڪري اسٽائل ۽ پڄاڻيءَ جي لحاظ کان اهي پنهنجي ڪهاڻيون بنهه پياريون ٿيون لڳن. ائسٽرالاجسٽ حليم بروهي هن ڀيري سچ پچ رڳو ڏکن کان ڪم ورتو آهي. علي بابا جو ٽي. وي ناٽڪ "ڪارونجهر جي ڪور"

ڪي ڪٿي فلسفي واري سنجيدگي ۽ ڪٿي ڪنهن سياح واري تفريحي انداز سان چٽيو ويو آهي. اسلوب جي نواڻ، ننڍن چُست ۽ خيال اڀاريندڙ جملن جي ستاءَ افساني کي دلچسپ ۽ اهم بڻايو آهي.

حليم بروهيءَ جي ڪهاڻي طنز ۽ مزاح جو شاهڪار آهي. علي بابا جي ڪهاڻيءَ کان سندس ناٽڪ وڌيڪ بامقصد آهي.

نسيم احمد کرل خيرپور جي تاريخي واقعن جي اظهار لاءِ ڪهاڻي واري اسلوب کان ڪم ورتي افسانه نگار جي تنقيدي شعور سان مضمون کي دلچسپ ۽ بامقصد بڻايو آهي— 'مهراڻ' ۾ البت تنقيدي مضمونن ڏانهن ڏيان ڏيڻ گهرجي، جيئن ذاتي پسند ۽ ناپسند کان مٿڀرو ٿي ادبي تخليق کي پرکي سگهجي.

**-شيخ عبدالحليم جوش**
**(ريڊيو پاڪستان ڪراچيءَ جي ٽورن سان.)**

● ٽون هاڻي هڪ خاص طبقي جو شاعر ٿيندو وڃين. پرائو محل ڏسي پنهنجا جهوپا ڊاهبا نه آهن. هيءَ لطيف سائينءَ جي سرزمين اٿئي، شيڪسپيئر، شيلي ۽ ملٽن جي سرزمين ناهي. ماروئڙن کي وساريندين ته قيامت ڏينهن اسان سڀ ٽوتي ڏانهينداسون.

سحر جي نظم ٿي: نينهن ماڪيءَ لار جيان نه ڳڙندو آهي. نينهن ڇاگوري پير جي ڏنگهري آهي. عشق آڏيري ول آهي، جا روح کي رهڙيندي ۽ روڙن مان رت ٽپا ٽپا ٿي وهندو آهي. جدت جو هرويرو اهو مطلب ته ڪونهي ته جهڻ ۾ آئيس ڪريم ملائي کائجي ۽ ڪارائجي.

**-عاجز آچڻ،**
**پيرومل، سنڌ.**

